پلڊاٽ

# معلوماتي پيپر

پاڪستاني پارليامينٽرين لاءِ ٺاهيل

7

سيپٽمبر 2003

معلوماتي پيپر جنوري 2011 تائين نئون ڪيل

Strengthening Democracy & Democratic institutions in Pakistan

# پاڪستان ۾ پاڻي جا مسئلا



www.pildat.org

پلڊاٽ
پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف
ليجسليٽو ڊيولپمنٽ ۽
ٽرانسپرنسي

معلوماتي پيپر

پاڪستاني پارليامينٽرين لاءِ ٺاهيل

پلڊاٽ

7

سيپٽمبر 2003

معلوماتي پيپر جنوري 2011 تائين نئون ڪيل

Strengthening Democracy & Democratic institutions in Pakistan

# پاڪستان ۾ پاڻي جا مسئلا



www.pildat.org

پلڊاٽ

پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف
ليجسليٽو ڊيولپمينٽ ۽
ٽرانسپرنسي

پلڈاٹ ایک آزاد، غیر منافع بخش اور غیر جانبدار تحقیقی اور تربیتی ادارہ ہے جس کا مشن پاکستان میں جمہوریت اور جمہوری اداروں کو مضبوط بنانا ہے

پلڈاٹ سوسائٹیز رجسٹریشن ایکٹ XXXI آف 1860، پاکستان کے تحت ایک غیر منافع بخش ادارے کے طور پر رجسٹرڈ ہے

کاپی رائٹ پاکستان انسٹی ٹیوٹ آف لیجسلیٹو ڈویلپمنٹ اینڈ ٹرانسپر یسی۔ پلڈاٹ

تمام جملہ حقوق محفوظ

پاکستان میں اشاعت

اشاعت۔ستمبر 2003

ISBN:978-969-558-216 - 9

اس اشاعت کے کسی بھی حصہ کو پلڈاٹ کے حوالہ کے ساتھ استعمال کیا جاسکتا ہے

ناشر

نمبر 7، 9th ایونیو، F-8/1 اسلام آباد، پاکستان

ٹیلیفون:345-123-111(51-92+) فیکس:3078-226(51-92+)

E-mail: info@pildat.org; web: www.pildat.org

# فهرست

پهرين ڇاپي جو مهاڳ
ٻئي ۽ نئين ڪيل ڇاپي جو مهاڳ
معلوماتي پيپر جي پهرين ڇاپي جي رهنمائي ڪندڙ ڪاميٽي
عملي خلاصو
**1- پس منظر** 13
**2- دستياب پاڻي ۽ گهرجون** 15
2.1 پاڻي جا وسيلا 15
2.1.1 دريائي وهڪرا 15
2.1.2 مينهن 16
2.1.3 زير زمين پاڻي جا وسيلا 17
2.2 مستقبل جون پاڻيءَ جون گهرجون 17
**3- پاڪستان جا پاڻيءَ جي ورهاست جا قومي ۽ بين الاقوامي ٺاهه.** 18
3.1 1960 وارو سنڌ-طاس معاهدو 19
3.2 1991 وارو سنڌو درياهه جي پاڻيءَ جي ورهاست وارو ٺاهه 19
**4- صوبائي اتفاق راءِ ۽ پاڻي جي ذخيرن جو ٺاهڻ.** 22
**5- بنيادي مسئلا.** 23
5.1 - صوبن خاص طرح پنجاب ۽ سنڌ ۾ هڪٻئي تي اعتماد جي گهٽتائي 23
5.2- صوبن ۾ وچ ۾ 1991 واري پاڻي ٺاهه جي تشريح بابت اختلاف. 23
5.3 - پنجاب ۾ گريٽر ٿل ڪينال جو ٺاهڻ. 25
5.4 - ڊيم لڳڻ ڪري پاڻيءَ جو گهٽجڻ 26
5.5 - آبپاشي نظام ۾ پاڻيءَ جو زيان 27

**6. مختلف مسئلن کي منهن ڏيڻ جي حڪمت عملي** 27
6.1 هڪ متحرڪ جهيڙڻ کي نبيرڻ وارو طريقو. 27
6.2 زير زمين پاڻي جي استعمال تي ضابطو آڻڻ. 28
6.3 پاڻي بچائڻ. 28
6.4 آبپاشي واري پاڻيءَ جو صحيح استعمال ۽ جديد طريقا استعمال ڪرڻ. 29
6.5 پاڻيءَ سان واسطو رکندڙ مسئلن بابت قانون سازي. 29
**7- قانون سازي ۽ ادارن وارن پاسا:** 29
**8- سفارشي ڪارروايون.** 30

**جدولن ۽ خاڪن جي لِسٽ**

جدول نمبر 1: پاڪستان هندستان ۾ پاڻي جي وسيلن جي ترقيءَ جي ڀيٽ. 14
جدول نمبر 2: پاڻي جي وسيلن جو امڪان (سال ۾ ملين ايڪڙ فوٽ) 15
جدول نمبر 3: پاڻيءَ جو استعمال 16
جدول نمبر 4: آدمشماري مطابق گهربل پاڻي. 18
جدول نمبر 5: رٽيل ڊيم 20
جدول نمبر 6: ٿهندڙ ڪينال 21
جدول نمبر 7: منگلا ڊيم جي ليول وڌائڻ. 22

خاڪو نمبر 1: سنڌ طاس وارو آبپاشي نظام. 34
خاڪو نمبر 2: پاڪستان جا درياهه ۽ مک نديون. 35
خاڪو نمبر 3: سنڌ طاس جو نقشو. 36
خاڪو نمبر 4: ڪوٽڙي کان هيٺ ويل پاڻي ملين (ايڪڙو فوٽ ۾) 37

**ضميما**

ضميمو (الف): صوبن وچ ۾ 1991 ۾ ٿيل پاڻيءَ ٺاهه جو متن 41
ضميمو (ب): ڪالا ڊيم تي بلوچستان اسيمبلي پاران پاس ٿيل قرار دادن جو متن. 51

ضميمو (ج): خيبر پختونخواهه (اڳوڻي صوبي سرحد) صوبي جي اسيمبلي پاران ڪالاباغ ڊيم خلاف پاس ٿيل قراردادن جو متن. 55
ضميمو (د): سنڌ اسيمبلي پاران ڪالاباغ ڊيم ۽ گريٽر ٿل ڪينال خلاف پاس ٿيل قراردادن جو متن ڪوٽڙي بيراج کان هيٺ وَنندڙ پاڻي بابت عالمي ماهرن جي حتمي رپورٽ جو عملي خلاصو. 61

## پهرين ڇاپي جو مهاڳ

سيني بحرانن مان پاڻيءَ جو بحران اهڙو آهي جيڪو اسانجي جياپي ۽ دنيا جي گولي جي جياپي جو دل آهي. ماهر اڳڪٿي ڪن ٿا ته پاڻي جو عالمي بحران ايندڙ سالن ۾ غير مثالي سطح تي پهچي ويندو جنهنڪري ترقي ڪندڙ ملڪن مان ڪتيرن ۾ في ماڻهو پاڻي جي ڪوٽ ٿي ويندي. صدين ڪان انسان اهڙي جنگون وڙهندا رهيا آهن جن ۾ پاڻي جي وسيلي تي جهيڙو هو. مستقبل ۾ به ملڪن وچ ۾ پاڻيءَ تي جهيڙي جو خطرو لامارا ڏيندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو.
پاڪستان ۾ پاڻيءَ جي وسيلن جي دستيابي ۽ انهن جي ترقي هوريان هوريان هڪ بحران ۾ تبديل ٿي وئي آهي ۽ هڪ بين الصوبائي جهڙي جي سطح تي پهچي وئي آهي. جنهن ڪي تڪڙو منهن ڏيڻ ضروري آهي. انهيءَ ڪي منهن ڏيڻ لاءِ سياسي مرضيءَ ڪي جاڳائڻ جي ضرورت آهي ته جيئن پاڻي سان واسطو رکندڙ انجام پاڙي سگهجن. پاڻي جي ماهرن ڪي معاشرتي ۽ اقتصادي وسعت نظري سان معاملن ڪي سمجهڻو پوندو جڏهن ته سياستدانن ڪي پاڻي وسيلن جي معاملن بابت بهتر ڄاڻ ڏيڻي پوندي.
انهيءَ پس منظر ۾ بلڊاٽ جو پاڻي جي وسيلن جي معاملن وارو معلوماتي پيپر تيار ڪيو ويو آهي. انهيءَ معلوماتي پيپر جو مقصد اهو آهي ته پاڪستان جي مستقبل پاڻي جي گهرجن بابت جيڪا تفصيلي ڄاڻ موجود آهي انهيءَ ڪي مختصر ۽ پُر مقصد بڻائي سياستدانن ڪي ڏني وڃي ته هو انهيءَ مسئلي ڪي بهتر پاليسي جوڙڻ ۽ نئين چونڊ ڪرڻ لاءِ پاليامنٽ ۾ اُٿارن.
پلڊاٽ جو ڪچو معلوماتي پيپر ايسوسي ايٽڊ ڪنسلٽنگ انجنيئرن جي فرم جي منفي مدد سان جوڙيو ويو اها فرم پاڻي سان واسطو رکندڙ منصوبن ۽ انهن جي حڪمت عملي جوڙڻ بابت مشهور آهي. انهيءَ لاءِ هڪ هلائڻ واري ڪاميٽي جوڙي وئي جنهن ۾ سيني صوبن مان سياسي ۽ فني ماهر رکيا ويا. هلائڻ واري ڪاميٽي جو مقصد اهو ته يقيني بڻائڻ هو ته معلوماتي پيپر معاملي جو حقيقي رُخ ڏيکاري جنهن ۾ صوبن جو نڪته نظر ۽ انهن جي حڪمتِ عملي نظر اچي انهيءَ ڪچي پيپر ڪي هلائڻ واري ڪاميٽي جي شفارشن مطابق درست ڪيو ويو. جيئن ته سنڌو درياهه ۾ آيل پاڻي ۽ ان سان واسطو رکندڙ تفصيلن بابت ملڪ ۾ تڪرار آهن تنهنڪري پلڊاٽ ڪوشش ڪئي آهي ته هڪ انگ ڏيڻ بدران انگن جي پڪيڙ حوالن سان ڏئي. انهيءَ ۾ واپڊا جا ڏنل انگ به ڪٿي ڪٿي حوالن سان ٻڌايا ويا آهن. تنهن هوندي به پلڊاٽ ڪنهن خاص نڪته ۽ نظر جي پٺڀرائي نه ڪئي آهي ۽ هن پيپر ڪي اڻ ڏرئي نموني تيار ڪيو ويو آهي. انهيءَ ۾ ڏنل مسئلن جي فهرست حتمي ناهي. پلڊاٽ رڳو اُهي مسئلا ڪنيا آهن جيڪي ان جي مطابق تمام اهم ۽ تڪراري آهن.
پلڊاٽ ACE واري ٽيم ۽ هلائڻ واري ڪاميٽي جي ميمبرن جي ٿورائتي آهي جن هن پيپر ڪي ٺاهڻ ۾ مدد، سهڪار ۽ رهنمائي ڪئي. اسان ارسا ۽ انڊس واٽر ڪميشن لاهور جا به ٿورائتا آهيون جن ترتيب وار 1991 واري پاڻي ٺاهه ۽ 1960 واري سنڌ طاس معاهدي جون ڪاپيون ڏنيون.
پلڊاٽ ۽ اُنجي ريسرچ ڪندڙ ٽيم هن پيپر ۾ ڏنل مواد جي درست هجڻ جي پوري ڪوشش ڪئي آهي تنهن هوندي به پلڊاٽ ڪنهن به ڀل چڪ يا غلطي لاءِ جوابدار ناهي جو اها ڄاڻي ٻجهي نه ڪئي وئي آهي.

لاهور
اڪتوبر 2003

## ٻئي ۽ نئين ڪيل ڇاپي جو مهاڳ

هي معلوماتي پيپر جو پهريون ڇاپو جيڪو ”پاڪستان ۾ پاڻي وسيلن جا مسئلا“ جي عنوان سان سيپٽمبر 2003 ۾ شايع ٿيو هو انهيءَ مقصد لاءِ ڇاپيو ويو هو ته پاڪستان جي قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جي ميمبرن کي اهڙي معاملي بابت ڄاڻ ڏجي جيڪو پارليامينٽ ۾ ۽ ان کان ٻاهر انگن اکرن بدران جذباتي نموني ۾ بحث هيٺ آندو پئي ويو. ست سالن کان وڌيڪ وقت گذرڻ ڪانپوءِ به نه رڳو اهو مسئلو حل نه ٿي سگهيو آهي پر تون مونجهارن ۽ بداعتمادي جي ڪيترن تهن چڙهن ڪري اهو وڌيڪ پڪو ٿي ويو آهي. انهن مسئلن کي حل ڪرڻ جي ضرورت پهرين کان تمام گهڻي وڌي وئي آهي جو ملڪ کي وڌندڙ پاڻي ۽ بجلي جي گهرجن کي منهن ڏيڻ لاءِ ترت پاڻي وسيلن کي ترقي وٺرائڻ جي اشد گهرج آهي.
جيئوٽيڪ گذريل ستن سالن ۾ پاڻ جي وسيلن جا مک مسئلا نه مٽيا آهن پر نئين معلومات ملي وئي آهي جنهن وسيلي هن پيپر کي سڌاري نئون ڪري سگهجي ٿو ۽ پوءِ قانون سازن کي انهن معاملن بابت ڄاڻ ڏئي سگهجي ۽ ڪين ٻڌائي سگهجي ته اڳتي وڌڻ ڪهڙي ريت ممڪن آهي. اسانجو اهو ڪامل پروسو آهي ته صحيح ڄاڻ مطابق ڪيل بحث مباحثي ۽ ڳالهه ٻولهه جي نتيجي ۾ انهن مامرن جو حل نڪري سگهي ٿو ۽ اڳتي وڌڻ جو دڳ ڏسي سگهجي ٿو. اسان کي اميد آهي ته هي نئون ڪيل معلوماتي پيپر وسيلي پاڻي جي مسئلن بابت هلندڙ بحث مباحثو ۽ بين الصوبائي وچوٽا پرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو.

### شڪر گذاري

سال 2003 ۾ پلڊاٽ پهريون معلوماتي پيپر ACE فرم جي فني مدد سان ڇاپيو هو. اها فرم پاڻي سان واسطو رکندڙ منصوبن ۽ حڪمت عملين بابت وسيع تجربو ۽ ڄاڻ رکي ٿي. انهيءَ جي ڪم کي ڏسڻ ۽ منظور ڪرڻ لاءِ سڀني صوبن جي سياسي ۽ فني ماهرن جي هڪ ”هلائن واري ڪاميٽي“ جوڙي وئي هئي. معلوماتي پيپر جو ڇاپو اڳوڻي واپڊا جي پاڻيءَ واري ميمبر ۽ ڏکڻ ايشيا جي ريجنل چيئر گلوبل واٽر پارٽنرشپ سردار محمد طارق جي ورجائڻ ۽ شيئر ڪرڻ ڪانپوءِ ڪڍيو ويو آهي. پلڊاٽ ۾ سردار محمد طارق جي مٿين ڪم لاءِ ٿورائتو آهي.
اسان اسلام آباد جي برطانوي هائي ڪميشن جا به ٿورائتا آهيون جن هن منصوبي جنهن جو مقصد بين الصوبائي پاڻي جي تڪرارن کي ڳالهه ٻولهه ذريعي حل ڪرڻ لاءِ پهريون قدم کڻي سگهجي ٿو لاءِ مدد ڏني.
اسان سنڌ جي اڳوڻي آبپاشي سيڪريٽري جناب محمد ادريس راجپوت جا به ٿورائتا آهيون جنهن هن معلوماتي پيپر کي سنڌي جي پوشاڪ پهرائي.

### لاتعلقي

ليڪڪن، پيپر کي ورجائيندڙن ۽ پلڊاٽ پوري ڪوشش ڪئي آهي ته هن پيپر ۾ ڏنل معلومات صحيح ۽ درست هجي. تنهن هوندي به پلڊاٽ ڪنهن به رهجي ويل ڳالهه ۽ غلطي لاءِ جوابدار ناهي جو اها ڄاڻي ٻجهي نه ڪئي وئي آهي. هن پيپر ۾ ڏنل ڳالهيون پلڊاٽ يا برطانوي هائي ڪميشن جي خيالن جي ترجماني نٿيون ڪن.

اسلام آباد

جنوري 2011

## معلوماتي پيپر جي پهرين ڇاپي کي هلائڻ واري ڪاميٽي.

**بلوچستان:**
**مسٽر عبدالرازق خان**، اڳوڻو چيئرمين ارسا.

**سرحد:** (هاڻي خيبرپختونخواه)
**مسٽر شمس الملڪ**: واپڊا جو اڳوڻو چيئرمين ۽ اڳوڻو صوبائي وزير
**مسٽر شاهنواز خان** واپڊا جو اڳوڻو چيئرمين

**پنجاب:**
**ڊاڪٽر مبشر حسن** اڳوڻو وفاقي وزير ماليات
**شاهه محمد قريشي:** ايم اين اي ۽ اڳوڻو وفاقي ۽ صوبائي وزير (هن پنجاب جي وزير ماليات طور 1991 واري پاڻي ٺاهه تي صحيح ڪئي).
**سيد مُنور علي:** ACE فرم جو چيئرمين

**سنڌ**
**مسٽر الٰهي بخش سومرو**: قومي اسيمبلي جو اڳوڻو اسپيڪر
**مسٽر ابرار قاضي**: ماهر عوامي تحريڪ جو ميمبر، سنڌ واٽر ڪاميٽي جو سيڪريٽري.

ACE فرم جي ٽيم جا ميمبر جي معلوماتي پيپر ٺاهڻ ۽ هلائڻ واري ڪاميٽي جي گڏجاڻين ۾ حصو ورتو:

**مسٽر عرفان سعيد**: علاقائي ڊائريڪٽر (اُتر)
**مسٽر آصف قاضي**: مشوري وارو صلاحڪار
**ميان ايم لطيف**: آبپاشيءِ نڪاسي وارو صلاحڪار
**مسٽر صابر علي ڀٽي**: مک پاڻي وسيلن جو ماهر

پلڊاٽ جي ٽيم جا ميمبر جن هلائڻ واري ڪاميٽي جي گڏجاڻين ۾ حصو ورتو، ڪچي پيپر جي صورت گري ڪئي انهيءَ کي ورجايو ۽ متن کي درست ڪيو.

**محمد حنيف رامي**: پلڊاٽ جي صلاحڪاري بورڊ جو ميمبر ۽ پنجاب جو اڳوڻو وڏو وزير.
**مجيب الرحمٰن شامي**: پلڊاٽ جي صلاحڪاري بورڊ جو ميمبر، مشهور ڪالم نگار ۽ روزاني اخبار پاڪستان جو چيف ايڊيٽر.
**مسٽر احمد بلال محبوب**: ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر
**محترم آسيه رياض**: جوائنٽ ڊائريڪٽر
**صائمه علي**: پروگرام مينيجر

## عملي اختصار

پاڪستان جي معيشت ۾ جيڪا گهڻي ڀاڱي زراعت تي مدار رکي ٿي، پاڻي جو تمام اهم ڪردار آهي. زراعت مان GOP جو حصو 24 سيڪڙو آهي، انهيءَ ڪري 48 سيڪڙو نوڪريون پيدا ٿين ٿيون ۽ 70 سيڪڙو مال پرڏيهه موڪليو وڃي ٿو.

في ماڻهو پاڻي جي دستيابي هوريان هوريان ڪري رهي آهي. سال 1951ع ۾ اها 5300 ڪيوبڪ ميٽر هئي جيڪا سال 2002 ۾ گهٽجي 1300 رهجي وئي ۽ اڳڪٿي ڪئي وئي آهي ته مستقبل ۾ اها گهٽجي 1000 ڪيوبڪ ميٽر ٿي ويندي. ائين ٿيڻ سان پاڪستان دنيا جي ملڪن جي معيار مطابق هڪ پاڻي ڪوٺ وارو ملڪ ٿي ويندو. پاڪستان ۾ آبادي لائق ڪل زمين 7 ڪروڙ 70 لک ايڪڙ آهي جنهن مان 5 ڪروڙ 40 لک ايڪڙ يعني 71 سيڪڙو اڳي آباد ٿئي ٿي. باقي رهيل 2 ڪروڙ 30 لک يعني 29 سيڪڙو ان پيدا ڪري سگهي ٿي جيڪڏهن آبپاشي لاءِ پاڻي مهيا ڪري سگهجي ته.

پاڪستان ۾ آبپاشي گهڻي ڀاڱي سنڌو تي مدار رکي ٿي جنهن ۾ ساليانو سراسري وهڪرو 138 کان 145 ملين ايڪڙ فوٽ آهي. ڪي ماهر هن مقدار کي 123.5 ملين ايڪڙ فوٽ تائين گهٽ ٻڌائن ٿا. سال 1977 کان ڪوٽڙيءَ کان هيٺ ويل سراسري پاڻي 35 ملين ايڪڙ فوٽ رهيو جڏهن ته سنڌ وارا ڪوٽڙي کان هيٺ ويندڙ پاڻيءَ جي گهرج 10 ملين ايڪڙ فوٽ ٻڌائن ٿا. جيڪڏهن 35 ملين ايڪڙ فوٽ مان 10 ملين ايڪڙ فوٽ ڪوٽڙي کان هيٺ گهرجن لاءِ ڇڏيو وڃي ۽ 5 ملين ايڪڙ فوٽ منڊ وارن جي ڪم آڻجي ته 20 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي بچي ٿو جنهن کي وفاقي حڪومت ۽ ڪن ماهرن جو خيال آهي ته ٻوڏ وارن سالن ۾ ذخيرو ڪري ڪوٺ واري وقت ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو. تنهنڪري اهي دليل ڏين ٿا ته ڊيمن جو ٺاهڻ تمام ضروري ۽ ٿي سگهندڙ طريقو آهي خاص طرح انهيءَ ڪري به ته اسان جا نهيل ڊيم يعني چشما، منگلا ۽ تربيلا لٽجن پيا ۽ هينئر تائين انهن جي گنجائش 25 سيڪڙو گهٽجي وئي آهي.

ڪالاباغ ڊيم جنهن جي گنجائش 6.1 ملين ايڪڙ فوٽ آهي ان جي ڊيزائن ٿي چُڪي آهي اهو ٺهڻ لاءِ تيار آهي جڏهن ته ڀاشا ڊيم جي تفصيلي ڊيزائن سال 2008 ۾ ٿي چڪي آهي. ڀاشا ڊيم جي نظر ثاني ٿيل قيمت 11.17 ارب آمريڪي ڊالر آهي جڏهن ته انهيءَ جو استعمال جوڳو پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي گنجائش 6.4 ملين ايڪڙ فوٽ آهي ۽ 4500 ميگا واٽ بجلي پيدا ٿي سگهندي. انهيءَ کي ٺاهڻ ۾ 9 سال لڳندا. ايشيائي ترقياتي بينڪ سان انهيءَ لاءِ پئسا وٺڻ جون ڳالهيون هليون رهيون آهن. وفاقي حڪومت تازو ۽ پنجاب جو صوبو شدت سان اهو محسوس ڪن ٿا ته انهن منصوبن تي يڪدم ڪم شروع ڪرڻ گهرجي. وفاقي حڪومت ڪالاباغ ڊيم بابت بين الصوبائي اختلافن ڪري انهي کي ٺاهڻ جي ڳالهه نٿي ڪري. ڪي ٻيا ماهر ۽ عوامي نمائندا (خاص طرح سنڌ مان) مٿين ڳالهه تي سوال ڪن ٿا ۽ سختي سان اها ڳالهه ڪن ٿا ته سنڌو ۾ ايترو پاڻي ڪونهي جو نئوان ڊيم ٺاهي سگهجن. انهن جو چوڻ آهي ته سراسري پاڻي ڪڍڻ وارو طريقو صحيح ۽ سائنسي طريقو ناهي جنهن تي واپڊا وارا وڏا ڊيم ٺاهڻ جي منصوبه بندي ڪن ٿا. خيبرپختونخواهه يعني اڳوسرحد صوبو به ڪالاباغ ڊيم

منصوبي جي خلاف آهي جو اهو ڪالاباغ ڊيم کي پنهنجي زمينن ۽ آباد علائقن خاص طرح نوشهرا شهر لاءِ خطرو سمجهي ٿو.

سنڌ پنجاب ۾ ٺهندڙ گريٽر ٿل ڪينال جي به خلاف آهي ۽ سمجهي ٿو ته انهيءَ وسيلي سنڌ جو سنڌو مان پاڻي-چورايو ويندو.

وفاقي حڪومت جو رول به وفاقي سطح تي سياسي تبديلي ڪري متجندو رهي ٿو. سنڌ، خيبرپختونخواهه (اڳيون صوبو سرحد) ۽ بلوچستان جي صوبائي اسيمبلين ڪالاباغ ڊيم ٺاهڻ خلاف قرار دادون پاس ڪيون آهن جن مان گهڻيون اتفاق راءِ سان پاس ٿيون آهن. سنڌ اسيمبلي گريٽر ٿل ڪينال خلاف جيڪو پنجاب ۾ ٺهي پيو متفقه قرارداد پاس ڪئي آهي. جيتوڻيڪ چئني صوبن 1991 ۾ هڪ تاريخي متفقه پاڻي ٺاهه تي صحيون ڪيون اهن پر تنهن هوندي به صوبن ۾ خاص طرح سنڌ ۽ پنجاب وچ ۾ انهيءَ ٺاهه جي مختلف شقن جي تشريح بابت تمام سنجيده اختلاف آهن ٻنهي صوبن ۾ پاڻي سان واسطو رکندڙ تڪرارن ۾ مک سبب تمام بداعتمادي آهي.

ٻيا وڏا مسئلا جيڪي پاڪستان ۾ڪر ڪنيون بيٺا آهن انهن ۾ ڊيم ٺاهڻ ۾ اختلاف، ڪوٽ ۾ پائيواري وارو طريقو، پنجاب ۾ گريٽر ٿل ڪينال جو ٺاهڻ، موجود ڊيمن جو لٽجڻ ۽ آبپاشي نظام ۾ تمام گهڻي پاڻي جو ذيان شامل آهن. ڪوٽڙي ڪان هيٺ گهٽ ۾ گهٽ گهڻو پاڻي وڃڻ ڪپي هڪ ٻيو تڪرار مامرو آهي. ڪنسلٽنٽس ڪوٽڙي ڪان هيٺ پاڻي جي گهرجن وارو اڀياس پورو ڪري ڇڏيو آهي، ۽ هن پاڻي جو مقدار معلوم ڪري ورتو آهي.

پاڪستان جي سياسي قيادت کي آئيني جهيڙي نبيرڻ جي طريقي کي تحرڪ ۾ آڻڻ ڪپي. جئين عام مفادن واري ڪائونسل کي. پيارليامينٽ ۽ ان جي پاڻي ۽ بجلي بابت جوڙيل قائم ڪاميٽين کي بين الصوبائي اختلافن کي نبيرڻ لاءِ فعال ڪردار ادا ڪرڻ ڪپي ۽ پاڻي. جهڙي نازڪ مسئلي تي قومي اتفاق راءِ پيدا ڪرڻ ڪپي. چونڊيل سياسي قيادت ڪيترن ڏکين مسئلن تي اتفاق راءِ پيدا ڪري چڪي آهي جهڙوڪ 1973وارو آئين، 1991 وارو پاڻي ٺاهه ۽ 118 آئيني ترميم اها پاڻي جهڙي مسئلن کي به نبيري سگهي ٿي. سياسي قيادت کي جيڪي ٻيا ڪم عام ڪرڻ کپن ۽ پارليامينٽ وارن کي خاص طرح ڪرڻ کپن اُهي آهن نون ڊيمن بابت بين الصوبائي ٺاهه ڪرائڻ ڪوٽڙي ڪان هيٺ پاڻي جي گهرجن بابت اڀياس ڪندڙ جي مقدار تي راضپو، وڌيل ٽيلي ميٽري نظام هٽڻ، پاڻي جو بچائڻ، آبپاشي وارن نون طريقن ۽ فني ڳالهين کي اختيار ڪرڻ، ٻوڏن سوڪهڙن جي اڳڪٿي ڪندڙ نون طريقن جو اپنائڻ، پيئڻ جي پاڻي جي معيار ۾ سڌارو آڻڻ جيڪو عوامي صحت لاءِ نقصان ڪار آهي، زير زمين ۽ زير زمين پاڻي جو بهتر استعمال ڪرڻ ۽ جدا جدا پاڻي جو بندوبست ڪرڻ بدران هڪ ڳنڍيل پاڻي جي وسيلن جو بندوبست ڪرڻ.

## 1- پس منظر:

ملڪ جي معيشت ۾ پاڻي جو اهم رول آهي، جيتوڻيڪ زراعت لاءِ 88 سيڪڙو پاڻي استعمال ٿئي ٿو پر صنعتن واپار ۽ عوامي صحت تي به پاڻيءَ جي مقدار ۽ معيار جو عام گهڻو اثر ٿئي ٿو. پاڪستان ۾ في ماڻهو پاڻي جي دستيابي هوريان گهٽجي رهي آهي. اها 1951 ۾ 5300 ڪيوبڪ ميٽر هئي پر سال 2002 ۾ گهٽجي 1300 ڪيوبڪ ميٽر تي وئي. ٻڌايو وڃي ٿو ته سال 2005 ۾ اها گهٽجي 1000 ڪيوبڪ ميٽر رهجي ويندي. ائين ٿيڻ تي پاڪستان هڪ پاڻي کوٽ وارو ملڪ ٿي ويندو.

پاڪستان جي معيشت جو مدار خاص ڪري زراعت تي آهي. اهو هڪ اڪيلي سر وڏو شعبو آهي. جيڪو جي ڊي پي جو 24 سيڪڙو آهي ان ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن جو 48.4 سيڪڙو ڪم ڪن ٿا. ملڪي آدمشماري جو اٽڪل 68 سيڪڙو ماڻهو ٻهراڙين ۾ رهن ٿا ۽ انهن جو سِڌي طرح يا اڻ سڌي طرح روزگار جو ذريعو زراعت آهي.

اسان جي پرڏيهي واپار جو 70 ڪان مٿي سيڪڙو زراعتي ٺهيل شين تي مدار رکي ٿو. زراعت جو مدار پاڻيءَ تي آهي. آبپاشي زريعي ٿيل زراعت اٽڪل 4.25 ڪروڙ ايڪڙ آهي جيڪا ڪل ٿيندڙ زراعت جو اٽڪل 80 سيڪڙو آهي. ان مان ڪاڏي خوراڪ جون 90 سيڪڙو گهرجون پوري ٿين ٿيون. باقي گهرج 1 ڪروڙ باراني ايراضي مان حاصل ڪجي ٿي.

پاڪستان جي ڪل ايراضي 19.6 ڪروڙ ايڪڙ آهي. انهيءَ مان 7.71 ڪروڙ ايڪڙ زراعت لائق آهي. زراعت لائق ايراضي مان 5.45ڪروڙ ايڪڙ جيڪا 71 سيڪڙو ٿئي ٿي آبپاشي يا مينهن وسيلي آباد ٿئي ٿي. باقي رهيل 2.26 ڪروڙ ايڪڙ ايراضي جيڪا ڪل آباد ٿي سگهندڙ ايراضيءَ جو 29 سيڪڙو ٿئي ٿي زراعت هيٺ آڻي سگهجي ٿي. جيڪڏهن آبپاشي لاءِ پاڻي ڏئي سگهجي. ان جو مطلب اهو آهي ته اسانجي آباد ٿي سگهندڙ زمين جو 1/3 کان ٿورو گهٽ حصو استعمال ۾ انهيءَ ڪري نٿو اچي ته اسان پاڻي وسيلن ۽ ان سان واسطو رکندڙ ٻوٽي کي ترقي نه وٺرائي سگهيا آهيون.

پاڪستان جي پاڻي جي شعبي واري صنعت ملڪ جي وڏي ۾ وڏي پئسو سيرائيندڙ صنعت آهي. جنهن ۾ اٽڪل 300 ارب ڊالرن جي سيڙپڪاري ٿئي ٿي ۽ جنهن مان ملڪ جي جي ڊي پي کي ساليانو 10 ارب امريڪي ڊالر ملن ٿا. پاڪستان ۾ آبپاشيءَ ذريعي آباد ٿيندڙ ايراضي 1947 واري 2.07 ڪروڙ ايڪڙن مان وڌي سال 2000 ۾ 4.25 ڪروڙ ايڪڙ ٿي وئي آهي. اها انهيءَ ڪري وڌي آهي جو پاڪستان آزادي ماڻڻ کانپوءِ آبپاشي وارا وڏا منصوبا ٺاهيا آهن. انهيءَ جو نتيجو آهي ته پاڪستان ۾ دنيا جي وڏي ۾ وڏي ڳنڍيل آبپاشي واري ايراضي آهي. سنڌو درياهه جي طاس واري نظام تي گهڻ مقصد وارا ڊيم، 19 بيراجون، 12 لنڪ ڪينال ۽ 45 جدا جدا ڪينال سسٽم آهن. سنڌو طاس جو نظام شڪل نمبر 1 ۾ ڏجي ٿو.

وڌندڙ آدمشماري ۽ تڪڙي شهرن ۽ صنعتن جي واڌ پاڻي جي گهرجن تي دٻاءُ وجهي رهي آهي. پاڻيءَ جي دستيابي ۽ گهرج ۾ وڌندڙ تفاوت ڪري ڪوٽ ڪر ڪٽي بيٺي آهي. جنهن ڪري غير صحتمند مقابلي بازي ٿي رهي آهي جيڪا صوبن وچ ۾ ڇڪتاڻ کي وڌائي ٿي. انهيءَ ڪان علاوه ماحوليات ۾ گهٽتائي به انهيءَ طرح ٿي رهي ته ڪٿي سم زور وٺي رهي آهي ته ڪٿي زير زمين پاڻي جي سطح تڪڙي ڪري رهي آهي. لوڻياڻي پاڻيءَ جو زير زمين مٺي پاڻيءَ جي تهه ۾ گهڙڻ ٻيو مسئلو آهي جيڪو انهيءَ ڪري پيدا ٿي رهيو آحي. ته زير زمين مٺو پاڻي تمام گهٽي مقدار ۾ ڪڍيو پيو وڃي.

پاڻي جي وڌندڙ ڪوٽ جيڪا سوڪهڙي وارن سالن ۾ تمام گهٽي وڌي وڃي ٿي. ڪي منهن ڏيڻ لاءِ اسانکي ڪپي ته پاڻي بچائڻ، پاڻي وسيلن کي وڌ ۾ وڌ ترقي وٺرائن ۽ پاڻي جي صحيح استعمال لاءِ جديد طريقن کي اختيار ڪرڻ لاءِ زبردست ڪوششون ڪيون. جي ائين نه ڪنداسين ته ڪاڏي ۾ خود ڪفيلي معاشي ۽ اقتصادي سڌارو، غريبي گهٽائڻ ۽ ماحول کي سنڀالڻ ممڪن نه ٿي سگهندو ۽ پڇاڙي ۾ ملڪ ۾ ڪاڏي خوراڪ جي گهٽتائي ۽ ڏڪار جهڙي صورتحال به ٿي ويندي زراعت ۾ استعمال ڪانسواءِ پاڻي ٻين شعبن ۾ به تمام اهم رول ادا ڪري ٿو. جيئن گهرو استعمال لاءِ، صنعتن لاءِ، ڪاڻ ڪوٺائي لاءِ، چو پائي مال لاءِ، مڇين جي ترقي وٺرائڻ لاءِ ۽ ٻين ڪيترين شين لاءِ، پن بجلي بجلي پيدا ڪرڻ جو سستي ڪان سستو طريقو آهي جو ماحولياتي لحاظ ڪان به سپني ڪان صاف آهي. اهو پاڪستان ۾ گهٽي مقدار ۾ ملي سگهي ٿو جنهن کي ترجيحي بنيادن تي ترقي وٺرائڻ جي ضرورت آهي. ائين ڪرڻ سان وڌندڙ بجلي جي اگهن کي گهٽائي سگهجي ٿو.

## جدول نمبر 1: هندستان ۽ پاڪستان ۾ پاڻي جي وسيلن جي ترقي جي ڀيٽ

| اسم | پاڪستان | هندستان | نسبت |
|---|---|---|---|
| آدمشماري | 17.5 ڪروڙ | 115.4 ڪروڙ | 7:1 |
| واهن ۽ ٽيوب ويلن تي آباد ٿيندڙ ايراضي | 4.2 ڪروڙ ايڪڙ | 22.1 ايڪڙ | 5:1 |
| وڏا ڊيم | 68 | 4700 | 69:1 |
| گنجائش | 13 ملين ايڪڙ فوٽ | 262 ملين ايڪڙ فوٽ | 20:1 |
| پن بجلي | 6500 ميگاوات | 31,000 ميگاوات | 5:1 |
| واهن ۾ ڪنيل پاڻي | 103 ملين ايڪڙ فوٽ | 460 ملين ايڪڙ فوٽ | 4:1 |

ذريعو: ورلڊ ڪميشن آن ڊيمس جي پاڪستان ۾ ڊيم ۽ ڊيولمنٽ بابت ڇپيل نومبر 2000 واري رپورٽ

## 2- پاڻي جي دستيابي ۽ گهرجون:

### 2.1 پاڻي جا وسيلا

پاڪستان ۾ پاڻي گهٽجندو پيو وڃي ۽ اسان پاڻي حاصل ڪرڻ جا عام وسيلا اڳي ئي ترقي وٺائي چڪا آهيون. ملڪ جي وڌندڙ آدمشماري جي پيئڻ جي پاڻي ۽ نڪاسي جي گهرجن، ڪاڌي ۽ خوراڪ، صنعتن ۽ ماحول جي لاءِ انهي قيمتي وسيلي کي بچائڻو پوندو ۽ ٻي قسط وارن پاڻي جي ذريعن کي ترقي وٺرائڻي پوندي. انهن جي قيمت اڳ ۾ ٿيل منصوبن جي قيمت کان گهڻي ٿيندي. جٽادار ترقي حاصل ڪرڻ 21 صدي جو مکيو چيلنج هوندو.

پاڪستان جا پاڻي جي ترقي وٺي سگهندا ذريعا هن ريت آهن.

الف: وهندڙ پاڻي
- دريائي وهڪرا
- مينهن

(ب) زير زمين پاڻي
- استعمال ٿي سگهندڙزيرزمين پاڻيءَ جا تهه
- استعمال ٿي سگهندڙلوڻياٽي پاڻيءَ مٿان مني پاڻي جا تهه

(ج) لوڻيات گهٽائڻ، ٻيهر استعمال: ٻيهر سڌاري استعمال ڪرڻ.

### 2.1.1 دريائي وهڪرا:

پاڪستان ۾ ٽي مکيه دريائي بيسن آهن جن جا سراسري ساليانو وهڪرا هن ريت آهن.

| | |
|---|---|
| 1- سنڌو جي بيسن: | 138 کان 145 ملين ايڪڙ فوٽ |
| 2- مڪران جا ساموندي ڪناري واري بيسن | 3 ملين ايڪڙ فوٽ |
| 3- ڪاران جي بند ٿيل رڻ واري بيسن | 0.8 ==== |
| ڪل | 141.8 کان 148.8 ملين ايڪڙ فوٽ |

### جدول نمبر2: پاڻي وسيلن جي هجڻ جو امڪان (ملين ايڪڙ فوٽ في سال)

| استعمال | سال 2003 ۾ استعمال | | | | ڪُل ترقي وٺرائڻو وارو | | | | وڌيڪ ترقي وٺرائڻ جهڙو | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | وهندڙ | زير زمين | مينهن | ڪُل | وهندڙ | زيرزمين | مينهن | ڪُل | وهندڙ | زيرزمين | مينهن | ڪُل |
| زراعت | 57.5 | 37.5 | 5.0 | 100 | 70.5 | 43.5 | 8.0 | 122 | 13 | 6 | 3 | 22 |
| (پنيءَ تي) گهرن ۾ | 2 | 2.5 | - | 4.5 | 2 | 8.5 | - | 10.5 | - | 6 | - | 6 |
| صنعتون | 1.5 | 2 | - | 3.5 | 1.5 | 3.3 | - | 4.8 | - | 1.3 | - | 1.3 |
| ماحول لاءِ | 1.3 | 0 | - | 1.3 | 1.3 | 0.4 | - | 1.7 | - | 0.4 | - | 0. 4 |
| ڪُل | 62.3 | 42 | 5 | 109.3 | 75.3 | 55.7 | 8 | 139 | 13 | 13.7 | 3 | 29.7 |

ورتل: پاڻي ۽ بجلي وزارت جي تيار ڪرايل رپورٽ: پاڪستان نيشنل واٽر رسورز اسٽرٽيجي (2002)

## جدول نمبر 3: پاڻيءَ جو واهپو

| | | |
|---|---|---|
| (الف) | تربيلا نهڻ ڪانپوءِ ڪوٽڙي ڪان سراسري هيٺ ويندڙ پاڻي (1977-2001) | 35ڪان38 ملين ايڪڙ فوٽ |
| (ب) | ڪوٽڙي ڪان هيٺ گهر پاڻي جو مقدار 1991 پاڻي ٺاهه ۾ گهريل | 10 |
| (ج) | اُپرندي ۽ اُلهندي درياهن ۾ هندستان ۾ استعمال ٿي سگهندڙ | 3 ڪان 5 |
| | باقي بچي ويندڙ | 20 ڪان 25 ملين ايڪڙ فوٽ (واهن جي منهن تي) |
| | ٻنيءَ جي منهن تي ملي سگهندڙ | 13 ڪان 15 |

سالياني سراسري وهڪري مان 105 ملين ايڪڙ فوٽ ٻيمن ۽ واهن وسيلي استعمال ٿئي ٿو. ڪوٽڙي ڪان هيٺ يعني سنڌو تي نهيل آخري بيراج ڪان هيٺ ويندڙ پاڻي جيڪو سمنڊ ۾ پوي ٿو سو آهي 31 ملين ايڪڙ فوٽ اها حقيقت آهي ته ڪوٽڙي ڪان هيٺ گهرجن لاءِ جن ۾ سامونڊي پٽي وارن ماڻهن، ماحوليات ۽ حياتياتي گهرجون شامل آهن هڪ اپياس ڪيو ويو آهي تي پاڻيءَ جو مقدار معلوم ڪري سگهجي. پاڻي ۽ بجلي جي وزارت سال 2005 ۾ ڪوٽڙي ڪان هيٺ گهرجن لاءِ هڪ اپياس ڪرايو. انهيءَ اپياس مٿان جاچ لاءِ مقرر ڪيل عالمي پاڻي، ماهرن جي جماعت انهيءَ اپياس ڪي هن ريت توڙ پهچايو آهي

1- سمنڊ جي چڙهي اچڻ کي روڪڻ، ماهي گيري جي گهرجن، ماحول جي جتا ۽ دريائي وهڪري واري رستي کي برقرار رکڻ لاءِ سڄو سال ڪوٽڙي بيراج ڪان هيٺ 5000 ڪيوسڪ پاڻي ڇڏڻ کپي.

2- انهيءَ ڪانسواءِ هر پنجن سال ۾ 25 ملين ايڪڙ فوٽ (سراسري هر سال 5 ملين ايڪڙ فوٽ) ٻوڏ واري نموني جو وهڪرو خريف ۾ ڪوٽڙي ڪان هيٺ ڇڏڻ کپي.

جي انهن ٻنهي جوجوڙ ڪجي ته 5 هزار ڪيوسڪ سڄو سال جو ڪُل پاڻي ٿئي ٿو 3.6 ملين ايڪڙ فوٽ ۽ 25 ملين ايڪڙ فوٽ پنجن سالن جو سراسري ساليانو ٿئي ٿو 8.6 ملين ايڪڙ فوٽ.

سمجهو ته ڪوٽڙي ڪان هيٺ ساليانو گهر پاڻي ٺاهه جي گهر موجب ٿئي ٿو 10 ملين ايڪڙ فوٽ ته واڌو پاڻي بچي ٿو. 20 ڪان 25 ملين ڪيوسڪ فوٽ. انهيءَ ۾ هندستان ۾ استعمال ٿيندڙ پاڻي به شامل نه آهي.

### 2.1.2 مينهن:

سانوڻي ۽ اُلهندي واريون هوائي لهرون به اِهڙا موسمياتي سسٽم آهن جن ڪري پاڪستان ۾ مينهن پون ٿا. پاڪستان ۾ سراسري ساليانو مينهن 11.9 انچ پوي ٿو. ميدانن ۾ پوندڙ

مينهن جيڪو فائدي وارو آهي. ۽ جنهن مان ڪجهه درياهن ۾ اچي پوي ٿو جبلن تي پوندڙ جنهن ڪري نيون پوڌ آٽين ٿيون. اهي جيٽوٽيڪ ٿورو وقت هلن ٿيون پر انهن جومقدار تمام گهٽو ٿئي ٿو. تيز لاهي ڪري پوڌ تمام تکي رفتار سان هيٺ لهي ٿي جنهن ڪري واهن جي پاسن ۽ ترن ۾ ڪاڌ ٿئي ٿي. ميدانن ۾ ايندڙ پوڌ پاڻ سان تمام گهٽو لٽ آٽي ٿي جنهن ڪري اها عام روا جي ڊيمن ۽ ذخيرن ۾ ڪتب نٿي آٽي سگهجي. نين ۾ آيل پوڌ نه رڳو زيان ٿئي ٿي پر انهن علائقن کي نقصان پهچائي ٿي جيڪي اجان اڻ سڌريل آهن. نين جو ڪل امڪاني ترقي وٺرائي سگهندڙ مقدار 15 ملين ايڪڙ فوٽ آهي جنهن مان 5 ملين ايڪڙ فوٽ اڳي ئي اٽڪل 500 دير ڪرائيندڙ، ڦهلائيندڙ گڏ ڪندڙ ڊيمن وسيلي ڪتب آندو وڃي ٿو. سال 2025تائين اٽڪل 3 ملين ايڪڙ فوٽ اهڙو نين جو پاڻي آهي جيڪو ترقي وٺائي سگهجي ٿو.

### 2.1.3 زير زمين پاڻيءَ جا وسيلا:

پاڻي جي تمام وڏن ۽ يڪدم استعمال ٿي سگهندڙ زير زمين پاڻيءَ جي ذخيرن ملڪ جي وڌندڙ ڪاڌي ۽ خوراڪ جي گهرجن کي پوري ڪرڻ ۾ تمام اهم رول ادا ڪيو آهي. زمين ڪان اٽڪل 45 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي ڪڍيو وڃي ٿو جيڪو آبپاشي جي گهرجن لاءِ ڪم اچي ٿو. انهيءَ ڪري هاري آبپاشي واري پاڻي جو صحيح ۽ ضرورت آهر استعمال ڪري سگهن ٿا. انهيءَ ڪري گهٽ ۽ غير محفوظ فصلن جي اُپت وڌيڪ ۽ محفوظ ٿي وئي آهي. سنڌو جي ميدانن ڪي چڌي زير زمين پاڻي جو استعمال خيبر پختونخواهه ۽ بلوچستان ۾ به زرعي شعبن کي ڪنيو بيٺو آهي. زير زمين پاڻيءَ جي استعمال ڪري في ايڪڙ پيداوار ہيٽي ٿي وئي آهي جيٽوٽيڪ واهن ۾ وارا بندي به ٿئي ٿي، انهيءَ ڪري اهو ضروري ٿي ويو آهي ته زير زمين پاڻي جو جٽادار استعمال هڪ وسيلي طور برقرار رهي.

زير زمين پاڻي ملڻ جوڪُل امڪان، وهندڙ پاڻي جي مڪمل استعمال ڪانپوءِ اٽڪل 59 ملين ايڪڙ فوٽ ٻڌايو وڃي ٿو جنهن مان اٽڪل 50 ملين ايڪڙ هڪ لک ٽيوب ويلن وسيلي جيڪي هاري هٿڻ ۽ هلائن ٿا ۽ 5000 سرڪاري ٽيوب ويلن وسيلي ڪڍيو وڃي ٿو.

زير زمين پاڻي ڪڍڻ جي تيز رفتار ڪن علائقن ۾ انهيءَ جي بندوبست کي ڏکيو ٻڌائي ڇڏيو آهي. انهيءَ جو اثر پاڻي جي زير زمين ليول تي تمام خطرناڪ آهي. زير زمين پاڻي جي ليول ايتري ته هيٺ لهي وئي آهي جو اقتصادي طرح پاڻي ڪڍڻ ڏکيو ٿي وڃي ٿو ۽ ڪارو پاڻي مٺي پاڻي ۾ چڙهي اچي ٿو. ٻين هنڌن تي وري سم انهيءَ ڪري مٿي چڙهي آئي آهي جو اُتي نڪاسي ڪونهي ۽ پاڻي مناسب مقدار ۾ پمپ نٿو ڪيو وڃي.

اهو ڪاٿو لڳايو ويو آهي ته پاڪستان ۾ اجان به 6 ڪان 14 ملين ايڪڙ فوٽ تائين زير زمين پاڻي ڪڍي سگهجي ٿو.

## 2.2 مستقبل جون اڳڪٿي ڪيل گهرجون.

پاڪستان جي آدمشماري 17.5 ڪروڙ آهي ۽ سال 2025 ۾ 22.1 ڪروڙ ٿيڻ جو ڪاٿو آهي انهيءَ وقت ڪاڌ خوراڪ جي گهر جن جو ڪاٿو وڌندڙ آدمشماري ۽ گهربل حرارن جي بنياد تي لڳايو ويو آهي. انهن گهرجن لاءِ في ماڻهو ڪاڌ خوراڪ پيدا ڪرڻ لاءِ گهربل پاڻي جدول نمبر 4 ۾ هيٺ ڏجي ٿو.

## جدول نمبر 4 آدمشماري مطابق گهربل پاڻي (ملين ايڪڙ فوٽ ۾)

| شعبو | سال 2010 ۾ پاڻي جو واهپو | سال 2025 ۾ اڳڪٿي ڪيل واهپو | واڌو گهرج |
|---|---|---|---|
| زراعت پنيءَ تي | 100.3 | 128 | 27.7 |
| شهر ۽ ٻهراڙي لاءِ پيئڻ ۽ نڪاسي ۽ ماحول لاءِ | 7.6 | 12.2 | 4.6 |
| صنعتن لاءِ | 3.0 | 4.8 | 1.8 |
| ڪُل | 110.9 | 145 | 34.1 |

حوالو: پلاننگ ڪميشن جي سال (2010-2015) جي (Perspective Five Year Development Plan)

آبپاشي ذريعي ٽيندڙ زراعت لاءِ سال 2005ع ۾ گهربل پاڻي 27.7 ملين ايڪڙ فوٽ آهي. جيئن جدول نمبر 4 ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته آبپاشي تي ٽيندڙ زراعت ڪانسواءِ 8.2 (4.6+1.8) ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي ٻين گهرجن لاءِ به کپي 37 ملين ايڪڙ فوٽ ڪُل گهرج جي ڀيٽ ۾ دستياب پاڻي 30 ملين ايڪڙ فوٽ آهي (13 درياهن مان 14 زير زمين مان ۽ 3 مينهن مان) جيڪڏهن واڌو پاڻي جي بنياد تي ڊيم ٺهي به وڃن تڏهن به پاڻيءَ کي بچائڻ، زيان روڪڻ ۽ پيداوار وڌائڻ واري حڪمتِ عملي تي خاص زور ڏيڻو پوندو. اهو انهيءَ ڪري ضروري ٿيندو ته جيئن شهرن ۽ ٻهراڙين لاءِ پيئڻ جو پاڻي ۽ صنعتن لاءِ پاڻي مهيا ٿي سگهي ۽ ڪاڌي خوراڪ جون گهرجون به پوريون ٿي سگهن. 30 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي جي دستيابي ڪري اسان جي پاڻي جي ترقي جا امڪان ڪيترن شعبن ۾ گهٽ ڪرڻا پوندا. وڌيڪ اهو ته جيئن ته دريائي وهڪرا وچ سيپٽمبر کان وچ جون تائين گهرجن کان گهٽ آهن نوان ڊيم ٺاهڻ جا اپياس ڪرڻا پوندا ته جيئن ظاهر ۾ سمنڊ ۾ ٺن مهينن مان ويندڙ پاڻيءَ کي محفوظ ڪري سگهجي. پاڪستان جيئن ته هڪ خشڪ ملڪ آهي ان ۾ گهٽ ۾ گهٽ 40 سيڪڙو وهندڙ پاڻي کي ذخيرو ڪرڻ جي گهرج آهي ته جيئن پاڻي کي بهتر نموني ۾ بندوبست ڪري سگهجي ۽ ٻوڏن ۽ ڏڪارن کي منهن ڏئي سگهجي.

## 3- پاڪستان جا بين الاقوامي ۽ قومي پاڻي جي ورهاست جا ٺاهه:

وهندڙ پاڻي جي پائيواري ۽ ورڇ لاءِ به ٺاهه ڪيا ويا آهن. هڪڙو بين الاقوامي جنهن کي 1960 وارو سنڌ طاس ٺاهه چون ٿا ۽ ٻيو قومي جيڪو صوبن وچ ۾ ٿيو آهي. ۽ جنهن کي 1991 وارو پاڻي ورهاست وارو ٺاهه چئجي ٿو. انهن جو مختصر ذڪر هيٺ ڪجي ٿو:

## 3.1: 1960 وارو سنڌو جي پاڻي جو ٺاهه:

هندستان ۽ پاڪستان ۾ سنڌو جي ماٿري جي وهڪرن جي پائيواري واري جهيڙي جو نبيرو ٻنهي ملڪن وچ ۾ ڳالهين وسيلي نه ٿي سگهيو ۽ عالمي ٽياڪڙي جي ضرورت ٿي انهيءَ جهيڙي جو نبيرو پچاڙي ۾ ٻگهي ڳالهين ۽ عالمي بينڪ جي ٽياڪڙي سان 1960 ۾ ”سنڌو وارو پاڻي ٺاهه، جي صورت ۾ ٿيو. ٺاهه مطابق هندستان کي ٽن اُپرندي درياهن يعني تسلج بياس ۽ راوي جو مڪمل ڪنٽرول ڏنو ويو جڏهن ته ٽي اُلهندا درياهه يعني سنڌو، جهلم ۽ چناب پاڪستان کي ڏنا ويا پر هندساتن کي انهن تي ڪجهه حق ڏنا ويا. انهن دريا جن جي ايراضين کي پاڻي ڏيڻ لاءِ جيڪي اڳ اُپرندي درياهن تي آباد ٿينديون هيون متبادل اڏاوتون ٺاهيون ويون يعني 2 وڏا ڊيم، 8 لنڪ ڪينال ۽ ڇهه بيراجون، ڊيم ۽ لنڪ ڪينال ٺاهڻ ڪري سنڌو جي دريائي نظام کي هڪ ڳنڍيل ۽ بهتر نموني ۾ هلائڻ ممڪن ٿيو ۽ درياهه جي پاڻيءَ جي استعمال تي وڌيڪ ڪنٽرول ٿي سگهيو. تربيلا ڊيم ۽ ٻين متبادل اڏاوتن ٺهڻ ڪري 1979ع ۾ واهن ۾ پاڻي ڪڻن وڌي 105 ملين ايڪڙ فوٽ ٿي ويو ڪجهه وقت انهيءَ ليول تي رهي هاڻي استعمال گهٽجي 103 ملين ايڪڙ فوٽ ٿي ويو آهي جنهن ۾ ڪجهه اثر ڊيمن جو لٽجڻ به آهي.

## 3.2: 1991ع وارو پاڻي ٺاهه:

پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ ڪيترا اهڙا موقع آيا آهن جڏهن صوبن پاڻيءَ جي گهٽي وقت ڪان هلندڙ جهيڙن کي نبيرن لاءِ نيڪ نيتي ۽ خيرخواهي جو مظاهرو ڪيو آهي. پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ سنڌو درياهه تي ڪوٽڙي تونسا ۽ گڊو بيراجن جو ٺهڻ انهيءَ نيڪ نيتي ۽ سهڪار جونتيجو هو. ساڳي نموني ۾ 1991ع وارو پاڻي ٺاهه قومي يڪجهتي جي اظهار لاءِ اهم ۽ مڪيه قدم هو. انهيءَ کان اڳ صوبن وچ ۾ پاڻي جي ورهاست وارن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ڪيتريون ڪوششو ڪيون ويون جهڙوڪ 1935ع واري اينڊريس ڪاميٽي، 1939ع واري رائو ڪميشن، 1968ع واري اختر حسين ڪاميٽي، 1970ع واري فضلِ اڪبر ڪاميٽي، 1981ع واري انور الحق ڪميشن ۽ 1983ع واري حليم ڪاميٽي، اهي سڀ ڪوششون فيل ٿي ويون سواءِ 1945ع واري رائو ڪميشن جي جنهن 1945ع وارو ڪچو سنڌ پنجاب معاهدو ڪرايو جنهن جي بنياد تي 1991ع تائين سنڌ ۽ پنجاب ۾ پاڻي ورهاست ٿيندي رهي. پر 1947ع جي ورهاڱي جي ڪجهه مصلحتن ڪري ٻنهي صوبن جو واسطيدار اسيمبليون انهيءَ ڪچي ورهاست کي معاهدي ۾ مٽائي نه سگهيون. 1991ع واري پاڻي ٺاهه کي پاڪستان جي تاريخ ۾ هڪ اهڙي مقدس ٺاهه طور مڃيو ويندوجيڪو هڪ سياسي طريقي ۽ صوبن جي رضامندي سان ڪيو ويو. پاڻيءَ جي شعبي ۾ مستقبل ۾ ترقي لاءِ سياسي طريقي جي ضرورت جي اهميت تي جيترو زور ڏجي گهٽ آهي.

1991ع وارو پاڻي ٺاهه تي چئني صوبن جي وڏن وزيرن ۽ ٻين نمائندن 16 مارچ 1991ع تي ڪراچي ۾ صحيحون ڪيون تنهن ڪانپوءِ عام مفادن واري ڪائونسل 21 مارچ 1991ع تي انهيءَ جي منظوري ڏني. 16 سيپٽمبر 1991ع تي وري پاڻيءَ جي ڏهن ڏينهن واري ورهاست ضميمي نمبر 2 طور ٺاهه جو حصو بنائي ڏئي. اهو ٺاهه جي شق (a) 14 تحت ڪيوويو.

1991ع واري پاڻي ٺاهه ۾ سپني صوبن مستقبل ۾ منصوبه بندي طور نون پاڻي ذخيرن ٺاهڻ تي جتي به اهي ممڪن هجن اتفاق ڪيو.ٺاهه ۾ پاڻي انهي وقت استعمال ٿيندڙ پاڻي يعني 105 ملين ايڪڙ فوٽ بدران 117 ملين ايڪڙ فوٽ شايد انهيءَ خيال سان وراهيو ويو ته واڌو پاڻي نوان ذخيرا اڏڻ سان پيدا ٿيندو.

## جدول نمبر 5 رٿيل ڊيم.......

| اسم | رٿيل ڪالاباغ ڊيم | رٿيل ديا مير پاشا ڊيم |
|---|---|---|
| 1. ٺهڻ واري جاءِ ڪان | سنڌو درياهه تي تربيلا ڪان 162 ميل هيٺ | سنڌو درياهه تي تربيلا 200 ميل مٿي. |
| 2. ڊيم جو عمق | 260 فوٽ | 892 فوٽ |
| 3. استعمال جوڳو پاڻي | 6.1 ملين ايڪڙ فوٽ | 6.4 ملين ايڪڙ فوٽ |
| 4. پن بجلي | 3600 ميگا واٽ | 4500 ميگا واٽ |
| 5. قيمت | 360 ارب روپيا | 960 ارب روپيا |
| 6. صورتحال | اپياس ۽ ڊيزائن مڪمل ٿيل آهي | تفصيلي ڊيزائن ۽ ڪم ڏيڻ وارا ڪاغذ تيار آهن. |
| 7. جلد ۾ جلد ٺهڻ واري تاريخ | اجا خبر ناهي | سال 2012 |
| 8. مڪمل ٿيڻ جي تاريخ | اجا خبر ناهي | سال *2021 |

1. حوالو: واپڊا جو نئون ڪيل سال 2025ع واٽر وين
* ايشيائي ترقياتي بينڪ اجان پئسا نه ڏنا آهن. ٺهڻ جو وقت 9 سال آهي.

## جدول نمبر6: ٿهندڙ واهه

| | |
|---|---|
| **1. ريڻي (ٿر) واهه سنڌ ۾** | |
| ٿهڻ وارا هنڌ | سانگهڙ ۽ ٿرپار ضلعا |
| نڪرڻ وارو هنڌ | گڊو بيراج (سنڌو درياهه) |
| پاڻي کڻڻ جي گنجائش | 10,000 کيوسڪ |
| آباد ٿيندڙ ايراضي | 2,60,000 ايڪڙ |
| قيمت | 151 ارب روپيا |
| 31 ڊسمبر 2010ع تائين ٿيل ڪم | سال 2010 واري |
| پهريون مرحلو مڪمل ٿي ويو | ٻوڏن ڪري ٻين مرحلن تي ڪم رُڪيل آهي. |
| **2- ڪچي واهه بلوچستان ۾** | |
| ٿهڻ وارا هنڌ | سبي ۽ ڊادير ضلعا |
| نڪرڻ وارو هنڌ | تونسا بيراج (سنڌو درياهه) |
| پاڻي کڻڻ جي گنجائش | 10,500 کيوسڪ |
| قيمت | 44 ارب روپيا |
| 31 ڊسمبر 2010ع تائين ٿيل ڪم | پهريون مرحلو مڪمل ٿي ويو. |
| **3- گريٽر ٿل ڪينال پنجاب ۾** | |
| ٿهڻ وارو هنڌ | ٻکر، ليا، جهنگ، خوشاب ۽ مظفر گڑھ ضلعا |
| نڪرڻ وارو هنڌ | چشما-جهلم لينڪ (سنڌو درياهه) |
| پاڻي کڻڻ جي گنجائش | 10,500 کيوسڪ |
| آباد ٿيندڙ ايراضي | 1500,000 ايڪڙ |
| قيمت | 61 ارب روپيا |
| 31 ڊسمبر 2010ع تائين ٿيل ڪم | پهريون مرحلو مڪمل |
| **4- چشما رائٽ بينڪ لفٽ ڪينال خيبرپختونخواهه ۾** | |
| ٿهڻ وارو هنڌ | ڊرا اسماعيل خان ضلعو. |
| نڪرڻ وارو هنڌ | چشما بيراج (سنڌو درياهه) |
| پاڻي کڻڻ جي گنجائش | 2500 کيوسڪ |
| لِفٽ | 60 فوٽ |
| آباد ٿيندڙ ايراضي | 2,61,000 ايڪڙ |
| قيمت | 38 ارب روپيا |
| صورتحال | ڊيزائن پوري ٿي وئي |
| 31 ڊسمبر 2010 تائين ٿيل ڪم | اڃان ڪم شروع نه ٿيو آهي. |

## جدول نمبر 7- منگلا ڊيم جو مٿي چاڙهڻ:

| | |
|---|---|
| نهڻ وارو هنڌ | جهلم درياهه |
| عمق ۾ واڌ | 30 فوٽ |
| واڌو استعمال جوڳو پاڻي | 2.9 ملين ايڪڙ فوٽ (60 سيڪڙو واڌ) |
| واڌو پن بجلي | 180 ميگاواٽ (18 سيڪڙ واڌ) |
| قيمت | 101.4 ارب روپيا |
| صورتحال | سال 2010ع تائين گهڻي ڀاڱي ڪم پورو ٿي ويو. |

حوالو واپڊا جو سال 2025ع وارو واٽر وين.

1991ع واري پاڻي ٺاهه ۾ صوبن ۾ هن ريت پاڻي ورهايو ويو آهي. پنجاب 55.94، سنڌ 48.76، خيبرپختونخواهه 5.78 ۽ بلوچستان 3.87 ملين ايڪڙ فوٽ انهيءَ ڪان علاوه خيبرپختونخواهه کي 3 ملين ايڪڙ فوٽ رم اسٽيشن ڪان مٿي اڻ ماپيل سول واه لاءِ ڏنا ويا آهن. پاڻي ٺاهه ۾ باقي بچيل پاڻي جي صوبن ۾ ورهاست به ڏنل آهي پلي اهو پوڏ وارو پاڻي هجي يا مستقبل جي ذخيرن جو اها ورهاست هن ريت آهي. پنجاب 37 سيڪڙو سنڌ 37 سيڪڙو، خيبرپختونخواهه 14 سيڪڙو ۽ بلوچستان 12 سيڪڙو پاڻي ٺاهه **ضميمي الف** ۾ ڏنل آهي.

## 4- صوبائي اتفاق راءِ ۽ ذخيرن جو ٺاهڻ:

پاڪستان جا پاڻي جا وسيلا ملڪي معيشت لاءِ محرڪ جو ڪم ڏين ٿا ۽ انهن کي ترقي وٺرائي صوبن جي ترقي لاءِ استعمال ڪرڻ کپي. پر ڪنهن به حڪمت عملي اختيار ڪرڻ کان اڳ صوبن جو اتفاق راءِ ٺيڻ ضروري آهي. جدول نمبر 5 ۾ واپڊا طرفان ڪيترن ڊيمن مان ٻن ڊيمن جون خاص ڳالهيون ڏنل آهن. انهن کي ٺاهڻ لاءِ اجان بين الصوبائي اتفاق راءِ پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي.

مستقبل ۾ پاڻي وسيلن جي ترقي جي حڪمت عملين بابت صوبن جي ڪيترن خدشن هوندي به ٻرپٽن لاءِ چئن واهن ٺاهڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو آهي. انهن واهن جون خاص ڳالهيون جدول نمبر 6 ۾ ڏنيون ويون آهن. صوبائي بد اعتمادي ڪري گريٽر ٿل ڪينال ٺاهڻ خلاف تمام گهڻي مزاحمت ڪئي وئي جنهن جي سنڌ جي صوبائي اسيمبلي اجان مخالفت پئي ڪري.

انهيءَ هوندي به منگلا جي عمق وڌائڻ وارو مامرو افهام تفهيم سال حل ٿي ويو (ڏسو جدول نمبر 7)

## 5- بنيادي مسئلا:

پاڪستان ۾پاڻي جي وسيلن بابت ڪيترا بنيادي مسئلا آهن. اها ڳالهه تمام اهم آهي ته پهرين سياسي ڌريون ۽ واسطيدار ماڻهو انهن مسئلن کي سمجهن ۽ تنهن کانپوءِ پاڪستان ان جي ماڻهن ۽ ايندڙ نسلن جي ڀلائي کي نظر ۾ رکي انهن وڏن مسئلن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن.
اهي بنيادي مسئلا هيٺ ڏجن ٿا.

### 5.1 صوبن وچ ۾ بداعتمادي خاص طرح سنڌ ۽ پنجاب ۾:

صوبن وچ ۾ بي اعتباري خاص طرح سنڌ ۽ پنجاب ۾ پاڻي جي مسئلن جو مکيه ڪارڻ آهي ڪيترا مسئلا بداعتمادي ڪري پيدا ٿين ٿا. هيٺيون حصيدار سنڌ مٿين واهن ۾ ڪنيل پاڻي تي سوال اُٿاري ٿو ۽ اهو محسوس ڪري ٿو ته پنجاب اُن جي جي پاڻي جو حصو ڦٻائي ٿو ۽ مستقبل ۾ به ائين ڪندو، تنهنڪري اهو پاڻي واري شعبي جي هر هڪ نئين منصوبي يا پلان کي شڪ جي نظر سان ڏسي ٿو ۽ محسوس ڪري ٿو ته تاريخي واقعن جي بنياد تي ان جو شڪ صحيح آهي.

ٻئي پاسي پنجاب ڪوٽڙي ڪان هيٺ واڌو پاڻي وڃڻ تي سوال ٿو اُٿاري ۽ سمجهي ٿو ته اِنهيءَ جو گهڻو حصو پاڻي جو زيان آهي جنهن کي ذخيرو ڪري استعمال ۾ آڻڻ کپي سنڌ ٻئي پاسي ڪوٽڙي ڪان هيٺ ويندڙ پاڻي کي ضروري سمجهي ٿو ۽ انهيءَ ڳالهه ته چڙي ٿو ته انهيءَ کي زيان سمجهيو وڃي ٿو.

سنڌ جو گريٽر ٿل ڪينال ۽ ڪالاباغ ڊيم تي اعتراض جو خاص ڪارڻ به اها بداعتمادي آهي وري ڪوٽ وارن سالن ۾ پاڻي جي ورهاست واري جهيڙي انهيءَ بداعتمادي کي وڌايو آهي. پاڻي جي وسيلن جي سلسلي اها بداعتمادي هڪ وڏو مسئلو آهي.

### 5.2 صوبن وچ ۾ پاڻي ٺاهه جي تشريح تي اعتراض:

خاص اعتراض هي آهن:

#### (الف) وڏيڪ ذخيرن جو ٺاهڻ (پاڻي ٺاهه جي شق نمبر 6)

پاڪستان آڏو آيل هي هڪ ڳپير مسئلو آهي.
پاڻي ٺاهه جي ڇهين شق هن ريت آهي:
”سنڌو ۽ ٻين درياهن تي منصوبي بندي واري مستقبل جي زرعي ترقي لاءِ جتي ممڪن هجي ذخيرا اڏڻ جي گهرج ڳالهين ۾ حصو وٺندڙ مڃي ۽ سُڃاتي.
ٽن صوبن يعني سنڌ، خيبرپختونخواهه ۽ بلوچستان جي مخالفت ڪري وفاقي حڪومت اتفاق راءِ ٺيڻ تائين ڪالاباغ ڊيم ٺاهڻ تي آماده ناهي. پنجاب جي حڪومت اهو سخت موقف رکي ٿي ته هي شق سنڌو تي ڪالاباغ، ڀاشا ۽ ٻيا ڊيم اڏڻ جي اجازت ڏئي ٿي جيئن ته ڪالاباغ ڊيم، جو اڀياس ٿي چڪو آهي ۽ تفصيلي انجنيرنگ ڊيزائن، تيار آهي پنجاب ۽ وفاقي حڪومتون چاهن ٿيون ته ان تي يڪدم شروع ڪرڻ کپي هنيئر ٺهيل ڊيمن جي گنجائش

لٽجڻ ڪري گهٽجي پئي ۽ تمام ڏکيو پاڻي جو بحران ڪر ڪٽي بيٺو آهي. خيبرپختونخواهه ۽ سنڌ صوبن کي انهيءَ تي سخت اعتراض آهن ۽ انهن جي اسيمبلين انهيءَ خلاف قراردادون پاس ڪيون آهن. سنڌ جا گهڻا ماڻهو اهو سمجهن ٿا ته انهيءَ منصوبي وسيلي پنجاب تمام گهڻو پاڻي ڪٽي ويندو. خيبرپختونخواهه جا ڪجهه ماڻهو سمجهن ٿا ته ڪالاباغ ڊيم ٺهڻ ڪري ان جي شهرن جهڙوڪ نوشهرا کي خطرو پيدا ٿي ويندو ۽ انهن جي زرعي زمينن کي نقصان رسندو. واپڊا انهن الزامن جي فني بنيادن تي سختي سان ترديد ڪئي آهي. پر تنهن هوندي به مخالفت هلي ٿي پئي.

ديا ميرڀاشا ڊيم جي فيزيبلٽي ۽ ڪم ڏيڻ وارا ڪاغذ تيار آهن. انهيءَ منصوبي کي ايشيائي ترقياتي بينڪ قرض ڏيڻ جي لحاظ کان ڏسي رهي آهي.

(ب) **ڪوٽڙي کان هيٺ گهٽ ۾ گهٽ پاڻي جي گهرج لاءِ اپياس: (پاڻي ڌاهه جي ستين شق)**

پاڻي ڌاهه جي ستين شق هن ريت آهي:

سمنڊ جي چڙهي اچڻ کي روڪڻ لاءِ ڪوٽڙي کان هيٺ گهٽ ۾ گهٽ پاڻي سمنڊ ۾ موڪلڻ جي گهرج مڃي وئي. سنڌ جو موقف هو ته اهو 10 ملين ايڪڙ فٽ هجڻ کپي جنهن تي تمام گهڻو بحث ٿيو. پين اپياسن مطابق اهو مقدار ڪڏهن ان کان گهٽ هو ڪڏهن ان کان وڌ تنهنڪري اهو فيصلو ڪيو ويو ته ڪوٽڙي کان هيٺ گهٽ ۾ گهٽ پاڻيءَ جي گهرجن لاءِ وڌيڪ اپياس ڪرايا وڃن.

اهو اپياس تنهن ڪانپوءِ وفاقي پاڻي ۽ بجليءَ جي وزارت سال 2005ع ۾ ڪرايو. اهو اپياس تنهن ڪانپوءِ هڪ عالمي ماهرن جي ٽيم معرفت ورجايوويو. ان عالمي ماهرن جي ٽيم سمنڊ جي چڙهي اچڻ کان روڪڻ مڇين ۽ ماحوليات جي جٽاداري ۽ درياهه جي وهڪري واري دڳ کي برقرار رکڻ لاءِ ڪوٽڙي کان هيٺ سڄو سال 5000 ڪيوسڪ پاڻي ڇڏڻ لاءِ چيو. انهيءَ کان علاوه انهن اها به شفارش ڪئي ته ”ڪن به پنجن سالن ۾ 25 ملين ايڪڙ فوٽ (سراسري هر سال 5 ملين ايڪڙ فوٽ) سمنڊ ۾ ٻوڏ جي وهڪري جي صورت ۾ ڇڏيو وڃي. (خريف ۾) جنهن کي ڊيمن ۾ پاڻي زخيرو ڪرڻ ۽ گڏريل 4 سالن ۾ هيٺ ڇڏيل پاڻيءَ جي مقدار مطابق ايڊجسٽ ڪيو وڃي. انهن ٻنهي کي گڏ ڪرڻ جي صورت ۾ سراسري هر سال ڪوٽڙي کان هيٺ ويندڙ پاڻي 8.6 ملين ايڪڙ فوٽ ٿئي ٿو، 3.6 ملين ايڪڙ فوٽ سالن ۾ 25 ملين ايڪڙ فوٽ ڇڏڻ جو ڪن ماهرن جو چوڻ آهي ته اهو گهٽ ۾ گهٽ تڏهن ڏئي سگهبو جڏهن سنڌو تي ڊيم ٺاهيا ويندا. اپياس جي شفارشن تي عمل ڪرائڻ لاءِ عملي قدم کڻڻ جي ضرورت آهي.

**(ج) ڪوٽ ۾ پائيواري جو طريقو (پاڻي ڻاهه جي شق (b) 14)**

پاڻي ڻاهه جي شق (b) 14 هن ريت آهي:

”1977ع کان 1982ع تائين سراسري ڪنيل پاڻي جي بنياد تي مستقبل ۾ پاڻي هلائڻ جو طريقو طئي ڪيو ويندو. اهو ڏهاڪن ۾ ڪنيل پاڻي ائين وڏايو ويندو جيئن صوبن جي واهن کي ڏنل موسم واري پاڻي جيترو ٿي وڃي. ڪوٽ ۾ واڌ جي حصيداري سڄي پاڪستان جي بنياد تي ڪئي ويندي“.

پاڪستان ۾ سال 1994.95، -1997 98 ۽ پوءِ چئن سالن (2001-02- 2002- ۽ 2000-01, 1999-2000 03) ۾ پاڻي جي شديد ڪوٽ رهي. انهيءَ وقت ۾ سنڌ ۽ پنجاب ۾ پاڻيءَ جي ورهاست تي شديد اختلاف رهيا جيڪي وڌي تيز مزاجي ۾ مٽجي ويا. 1991ع واري پاڻي ڻاهه ۾ پنجاب پنهنجو 2.7 سيڪڙو تاريخي حصي کان گهٽ ڪٽڻ تي راضي ٿيو هو. ان جي اُبتڙ سنڌ کي تاريخي حصي کان 1.2 سيڪڙو وڌيڪ ڏنو ويو هو. پنجاب جو موقف اهو آهي ته هو پنهنجي گهٽيل پاڻي تي انهيءَ ڪري راضي ٿي ويو هو جو اهو هڪ پڌل وهنوار (Package Deal) هو جنهن مطابق وڌيڪ ذخيرا به ڻاهڻا هئا. پنجاب مطابق جيئن ته وڌيڪ ذخيرا نه ڻاهيا ويا تنهنڪري ڻاهه تي مڪمل طرح عمل نه ٿيو. تنهنڪري پنجاب ڻاهه کان اڳ واو پاڻي گهريو. سنڌ انهيءَ موقف جي سختي سان مخالفت ڪئي ۽ 1991ع واري پاڻي ڻاهه کي هڪ مقدس دستاويز سمجهي ٿو. پر 1994ع واري هڪ وزارتي فيصلي مطابق پاڻي جي ورهاست ڻاهه کان اڳ ڪنيل پاڻيءَ جي بنياد تي ٿيندي رهي. سنڌ مان ڪيترا انهيءَ کي سنڌ جي پاڻي جي چوري چون ٿا. انهيءَ شديد اختلاف ان ڪري پيدا ٿيل تلخي هلي ٿي پئي.

تازوپاڻي جي ورهاست هڪ ٿي سطحي فارمولا مطابق ٿئي ٿي جيڪو ارسا منظور ڪيو آهي. جيتوڻيڪ سنڌ انهيءَ تي اعتراض واري ٿو تنهن هوندي به ورهاست انهيءَ فارمولي مطابق ٿئي ٿي.

### 5.3 پنجاب ۾ گريٽر ٿل ڪينال جو ڻاهڻ:

پنجاب ۾ گريٽر ٿل ڪينال ڻهي ٿو پيو. ساڳي نموني ۾ سنڌ ۾ ريڻي، بلوچستان ۾ ڪچي ۽ خيبرپختونخواهه ۾ چشما رائٽ بينڪ لفٽ ڪينال ڻهن ٿا. سنڌ جي صوبائي اسيمبلي گريٽر ٿل ڪينال ڻاهڻ خلاف به متفقه قراردادون پاس ڪيون آهن. سنڌ محسوس ڪري ٿي ته جيئن ته سنڌو ۾ جهجو پاڻي ڪونهيءَ تنهنڪري گريٽر ٿل ڪينال سنڌو مان پنجاب جي جائز حصي کان وڌيڪ پاڻي ڪڍندي جيتوڻيڪ وفاقي حڪومت ۽ پنجاب حڪومت دعويٰ ڪن ٿا ته گريٽر ٿل ڪينال سال ۾ 90 ڏينهن ٻوڏ واري وقت ۾ پاڻي ڪڍندو پر سنڌ وارا محسوس ٿا ڪن ته هڪڙي دفعي زمين جا ڏٽي ۽ هاري ناري آبپاشي جي پاڻي تي آبادي ڪرڻ تي هري ويا ته هو پنهنجو هر

طرح جو زور لڳائيندا ته هي واهه سدا واهه ٿي وڃي ۽ انهيءَ نموني هو پنهنجي حصي کان وڌيڪ پاڻي کڻندا. سنڌ وارن جو اهو به چوڻ آهي ته هن منصوبي کي منظور ڪرڻ ۽ ڪم شروع ڪرڻ ۾ رواجي صحيح طريقو استعمال نه ڪيو ويو ۽ ڪالاڻ جو ڪم سنڌ جي اعتراض باوجود تڙ تڪڙ ۾ شروع ڪيو ويو.

پنجاب ۽ وفاقي حڪومت جو اهو موقف آهي ته 1991ع واري پاڻي ٺاهه مطابق هر هڪ صوبي کي پنهنجي مليل پاڻي مطابق نئوان منصوبا ٺاهڻ جو اختيار مليل آهي. ٻيو اهو ته پاڻي ٺاهه جي ضميمي ۾ جنهن ۾ پاڻي جي ڏهن ڏينهن جي ورهاست ڏنل آهي. ان واهه لاءِ پاڻي ڏنل آهي جنهن جي منظوري عام مفادن واري ڪائونسل ڏني آهي بدقسمتي سان پاڻي جي وقتائتي جانچ ڊيٽا ۽ ٽيليميٽري نظام جيڪو صوبن ۾ اعتماد پيدا ڪرڻ لاءِ هنيو ويو هو ڪن فني خرابين ڪري صحيح ڪم نٿو ڪري انهيءَ جي تڪڙي بحالي وقت جي اهم گهرج آهي.

وفاقي حڪومت جو چوڻ آهي ته گريٽر ٿل ڪينال جي منظوري ارسا ۽ ايڪنيڪ پنهي ڏني آهي. پر جڏهن انهيءَ جي اڏاوت شروع ڪئي وئي ته سنڌ ۾ روڊن تي احتجاج شروع ڪيو ويو جنهن ڪري صوبن وچ ۾ بداعتمادي اجان وڌي آهي.

### 5.4 موجود آبي ذخيرن جي استعمال جوڳي پاڻي جو ڊيم لٽجڻ ڪري گهٽجڻ:

جڏهن ٽي ٽيم يعني تربيلا، منگلا ۽ چشما ٺاهيا ويا ته انهن ۾ لٽ ڪڍڻ لاءِ ڪو بندوبست نه ڪيو ويو. تنهنڪري اها خبر هئي ته ڊيمن جي حياتي وقتي آهي ۽ متبادل طور ٻيا ڊيم ٺاهيا ويندا. سال 2010 ۾ " تربيلا ڊيم جي استعمال جوڳي پاڻيءَ جي گنجائش 9.69 ملين ايڪڙ فوٽ مان 3.02 ملين ايڪڙ فوٽ گهٽجي وئي يعني 31 سيڪڙو، سرنگن جي منهن پرسان واري جو دڙو ٺهڻ ڪري ان جي گهٽ ۾ گهٽ ليول رکڻ ڏکي ٿي پئي آهي. هنيئر تربيلا پنهنجي گهٽ ۾ گهٽ ليول يعني 1320 فوٽ بدران 1378 فوٽ تي هلايو وڃي ٿو جنهن ڪري وڌيڪ 0.565 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي، استعمال ڪري نٿو سگهجي. انهن عملي رنڊڪن ڪري تربيلا جو استعمال جوڳو پاڻي 3.585 ملين ايڪڙ فوٽ يعني 37 سيڪڙو گهٽجي ويو آهي. منگلا جي استعمال جوڳي پاڻي جي گهٽتائي سال 2010ع تائين 0.84 ملين ايڪڙ فوٽ يعني 16 سيڪڙو آهي ۽ چشما ۾ گهٽتائي 0.50 ملين ايڪڙ فوٽ يعني 69 سيڪڙو آهي. انهيءَ ٽنهي ۾ گڏيل گهٽتائي سال 2010ع ۾ 4.925 ملين ڪيوسڪ فوٽ آهي، سال 2025ع ۾ اها گهٽتائي اجا وڌندي جيڪڏهن تربيلا جي گهٽ ۾ گهٽ ليول اجان وڌائڻي پئي ته سپني اهجاڻن مان اها خبر پوي ٿي تربيلا جي گهٽ ۾ گهٽ ليول وڌائڻي پوندي ته جيئن واري جو دڙو اڳتي نه وڌي. استعمال جوڳي پاڻيءَ جي انهيءَ گهٽتائي جو مطلب ٿيو ته جڏهن ڀاشا يا ڪالاباغ ڊيم نهي تيار ٿيندا ته پاڪستان ۾ انهيءَ مان هڪڙي ڊيم کان وڌيڪ پاڻي ڊيم لٽجڻ ڪري گهٽجي ويندو.

انهيءَ ڳالهه جو پاڪستان جي زراعت ۽ معيشت تي تمام خراب اثر پوندو. وفاقي حڪومت جو ڪم آهي ته انهيءَ ڳالهه جو تدارڪ ڪري. ڪن مخالفن جو اهو چوڻ آهي ته نئوان ڊيم ٺاهڻ بدران ڊيمن مان لٽ ڪڍڻ جو سوچيو وڃي. ماهرن جو اهو چوڻ آهي ڊيمن مان لٽ ڪڍڻ ۽ انهيءَ لٽ جو نيڪال

ممڪن ناهي. ڪالاباغ ڊيم اهڙي نموني ڊيزائن ڪيو ويو آهي ته لٽ نيڪال ٿيندي رهي.

**5.5 آبپاشي نظام ۾ پاڻي جو زيان:**

پاڪستان ۾ دنيا جو وڏي ۾ وڏو ڳنڍيل آبپاشي نظام آهي. اهو ڪاڻو لڳايو ويو آحي ته واهه جي منهن کان زمين تائين پهچڻ ۾ 40 کان 50 سيڪڙو پاڻي رستي ۾ ضائع ٿئي ٿو. واهن کي پڪي ڪرڻ سان اهو زيان بچائي سگهجي ٿو. روائتي واهه پڪي ڪرڻ وارو ڪم ڏکيو ۽ وقت وٺندڙ آهي جنهن ڪري واهه گهڻي وقت لاءِ بند ڪرڻا پون ٿا جنهن ڪري زرعي پيداوار تي اثر پوي ٿو جيڪو هارين کي قبول ناهي. واپڊا وارا انهيءَ لاءِ متبادل ذريعا ڳولهي رهي آهي جيئن جيوٽيڪسٽائل واري چادر جيڪا هلندي پاڻي ۾ هيٺ وجهي سگهبي.

بنين ۾ پاڻي ڏيڻ جو نمونو اهڙو آهي جنهن ۾ تمام گهڻو پاڻي ڏنو وڃي ٿو جيئن ٻارا پاڻي سان پرڻ. وقت گذرڻ سان گڏ پاڻي هڪ ڪمائتي شيءَ هجڻ ڪري وڌيڪ قيمتي ٿيندي وڃي ٿي. وري سڀني کان مٿي اها ڳالهه ته هي هڪ محدود شيءَ آهي. تنهنڪري پاڻيءَ جو گهڻو زيان گهڻي وقت تائين برداشت نٿو ڪري سگهجي پاڪستان ۾ نامناسب اڏاوتن ۽ آبپاشي نظام جي اٽپوري سنڀال پاڻي وسيلن جي سلسلي ۾ هڪ وڏو مسئلو آهي. ٻيو مسئلو پاڻي جي هڪ ڪيوسڪ جي في ايڪڙ پيداوار آهي. پاڪستان ۾ اها پيداوار تمام گهٽ آهي. تنهنڪري پاڻي جي استعمال جي ڪارڪردگي وڌائڻ جي ضرورت آهي.

## 6. مختلف مسئلن کي منهن ڏيڻ جي حڪمتِ عملي:

**6.1 هڪ متحرڪ جهيڙا نبيرڻ وارو طريقو:**
پاڪستان هميشه ڪوٽ کي منهن ڏيندو رهيو آهي ۽ اڳتي به ائين ڪندو رهندو سواءِ سانوڻي جي برسانن وارن مينهن ۾ ٻوڏ واري واڌو پاڻيءَ کي وقت سر صحيح نموني استعمال ڪرڻ لاءِ صوبن وچ ۾ پاڻي بچائڻ ۽ ترقياتي حڪمت عملي اختيار ڪرڻ لاءِ اتفاق راءِ پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي، انهيءَ لاءِ هلندڙ غلط فهيمن کي دور ڪرڻ ضروري آهي. جيتوڻيڪ انهيءَ لاءِ آئيني طور عام مفادن واري ڪائونسل جوڙي ئي آهي. پر صوبن ۾ جهيڙن کي نبيرڻ جو صحيح طريقه ڪار ڪونهي. اهڙو طريقي ڪار عملي ۽ جٽادار بنيادن تي ٺاهڻ جي اشد ضرورت آهي ائين ڪرڻ جا به رستا آهن.

**(الف) عام مفادن واري ڪائونسل کي پاڻي مسئلن بابت احساس ڏيارڻ**

پاڪستان جي آئين جي 153 ۽ 155 شقوق عام مفادن واري ڪائونسل جوڙڻ ۽ اُنهي ڪمن بابت آهن.
شق 155 خاص طرح صوبن ۽ وفاق جون پاڻي بابت شڪايتن بابت آهن، اها ڳالهه اهم آهي ته اسان آئيني ادارن ۽ طريقي ڪارن کي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ استعمال ڪيون ۽ صوبن وچ ۾ وڌيڪ بداعتمادي نه وڌايون.

(ب) **پارليامينٽ ۽ پارلياماني ڪاميٽيون پنهنجو صحيح ڪردار ادا ڪن:**

قومي مسئلن تي بحث مباحثي ڪرڻ ۽ ماڻهن، سياسي پارٽين ۽ صوبن وچ ۾ اتفاق راءِ پيدا ڪرڻ لاءِ پارليامينٽ سڀني کان اهم ۽ مناسب فورم آهي. پارليامينٽ جا ٻئي ايوان يعني قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ کي کپي ته هو پاڪستان جي پاڻيءَ جي مسئلن تي بحث مباحثي ڪرڻ ۽ اتفاق راءِ پيدا ڪرڻ لاءِ قدم کڻن. خاص ذميواري ٻنهي ايوانن جي پاڻي ۽ بجلي واري قائم ڪاميٽين جي آهي ته هو فل پارليامينٽ جي گڏجاڻي کان اڳ انهيءَ لاءِ بنيادي ڪم ڪن. ٻنهي ايوانن جي قائم ڪاميٽيون کي کپي ته مسئلي کي اڪيلي سر يا گڏجي کڻن. ڪاميٽين کي کپي ته پاڻي ماهرن کي شاهد ڪن ۽ پاڻي جي مسئلن تي عوامي ٻڌڻيون ڪن. اهي ٻڌڻيون ڪليل ۽ ڪوشش ڪري ٽيليوٽرن تي ڪيون وڃن ته جيئن عام ماڻهن کي ڄاڻ ٿئي مسئلن ۾ کي لڪائڻ سان اسان گهڻو وڃايون ٿا. کليل بحث جيتوڻيڪ شروع ۾ ڏکي لڳي ٿو پر آخر ۾ قومي اتفاق راءِ پيدا ڪري ٿي 1991ع واري پاڻي ٺاهه جو ٿيڻ، 1973ع جي آئين جو اتفاق راءِ سان جوڙڻ، سال 2010ع ۾ 18 آئيني ترميم اتفاق راءِ سان پاس ڪرڻ، ۽ ستين قومي مالياتي ايوارڊ جو 2010ع ۾ منظور ڪرڻ اهو ثابت ڪري ٿو ته چونڊيل نمائندا قومي مسئلن تي پائيدار اتفاق راءِ پيد اڪري سگهن ٿا چاهي اهي مسئلا ڪيترا به منجهيل مامري وارا چو نه هجن.

قومي اتفاق راءِ پيدا ڪرڻ لاءِ پارليامنٽ ئي هڪ محترڪ رانديگر ٿي سگهي ٿي جنهن ۾ سول سوسائٽي ۽ واسطيدار ڌريون به شامل هجن.

**6.2 زير زمين پاڻي جي استعمال جو بندوبست:**

ڪيترا اهڙا مثال آهن جڏهن زير زمين پاڻي آبپاشي لاءِ عام گهڻو يا بنا ڪنهن حساب ڪتاب جي ڪڍيو ويو جنهن ڪري ڪٿي زير زمين پاڻي جي سطح يا تمام هيٺ لهي وئي يا ڪٿي سم ۽ ڪلر مستقل بنيادن تي وڌي. وري زير زمين مٺو پاڻي تمام گهڻو ڪارو ٿيندو ٿو وڃي. جو مٺو پاڻي گهڻو ڪڍڻ ڪري ان جي جاءِ تي پاسن کان يا مٿان ڪارو پاڻي گهڙي ٿو پوي. ان ۾ سنکئي ۽ فلورائيڊ جا زهريلا جز به ملن ٿا.

چئني صوبن ۽ آزاد جمون ۽ ڪشمير ۾ وڌ ۾ وڌ پاڻي ڪڍڻ لاءِ هڪ ضابطي واري ڍانچي (Regulatory Frame work) جوڙڻ جي سخت گهرج آهي. بنا ڪنهن نظام جي ۽ نابراري واري حساب سان پاڻي ڪڍڻ ڪري هڪ پاسي ڪن علائقن ۾ پاڻي جي سطح عام هيٺ لهي وڃي ٿي ۽ ڪن ۾ ڪارو پاڻي مٺي ماڻي جي جاءِ وٺي ٿو. انهن ٻنهي ڳالهين کي روڪڻ جي سخت گهرج آهي.

**6.3 پاڻيءَ جو بچاءُ:**

واهه جي منهن کان ٻنيءَ تائين پهچڻ ۾ اٽڪل 45 کان 50 سيڪڙو پاڻي رستي ۾ سيمي ڪري ضائع ٿي وڃي ٿو. انهيءَ کي بچائڻ تمام ضروري آهي. واهن ۽ واٽرن کي پڪي ڪرڻ تي تمام گهڻو زور ڏيڻ کپي خاص طرح اُتي

جتي زمين وارياسي آهي. زير زمين پاڻي ڪارو آهي. اها ڳالهه ياد رکڻ کپي ته زير زمين پاڻي کي ڀيهر پرڻ ۾ واهن جو اهم ڪردار ٿئي ٿو.

**6.4. پاڻي جو اثرائتو استعمال ۽ جديد ٽيڪنالاجي جو اطلاق:**

اٽڪل 90 سيڪڙو پاڻي زرعي فصلون پيدا ڪرڻ ۾ استعمال ٿئي ٿو. تنهن ڪري انهيءَ ڳالهه تي زور ڏيڻ کپي ته گهٽ ۾ گهٽ پاڻي مان وڌ ۾ وڌ پيداوار ٿئي. انهيءَ لاءِ اپياس ڪرايا وڃن ۽ انهن اپياسن جي بنياد تي آزمائشي منصوبا شروع ڪيا وڃن جن ۾ ڊرپ ۽ اسپرنڪل آبپاشي نظام جي استعمال جو جائزو ورتو وڃي ته اهي ڪري سگهجن ٿا ۽ انهن جو قيمت ۽ فائدو وارو ڪاٿو ڪيئن ٿو ٻيهي اسرائيل جهڙن ملڪن ۾ اهي آبپاشي وارا طريقا ڪامياٻي سان هلايا وڃن ٿا. پاڪستان کي انهن طريقن تي هنيئر ڪان ئي زور ڏيڻ کپي ته جيئن ڏهن پندرهن سالن ڪانپوءِ انهن تي عمل ڪري سگهجي. هارين کي زمين کي هڪ ڪرو ڪرڻ ۽ پاڻي جي نفعي واري استعمال بابت ڄاڻ ڏيڻ کپي. ريسرچ ۽ ترقيءَ لاءِ وڏيڪ محنت ۽ وسيلا خرچ ڪرڻ جي ضرورت آهي.

**6.5. پاڻي وارن معاملن تي قانون سازي:**

قانون سازن کي کپي ته پراڻن قانونن کي مٽائڻ ۽ نون مسئلن بابت قانون سازي ڪن. جن مسئلن بابت نئين قانون سازي کپي اُهي آهن ڊيمن جي سلامتي، زمين ۽ زير زمين پاڻي جو گدلو ٿيڻ، ۽ سٺو پيئڻ جو پاڻي. (اينڊرڙ شقن ۾ قانون سازي بابت شفارشون ڏنل آهن.

## 7. قانون سازي وارا ۽ ادارياتي پهلو:

هڪ تمام اهم قانوني سوال جنهن جو اجان تائين جواب نه مليو آهي اهو آهي ته ”پاڻي جي وسيلن جو مالڪ ڪير آهي؟“ ٻيو سوال جيڪو ان ڪان وڌيڪ اهم آهي اهو آهي ته ”درياهن، نين، واهن، زير زمين، ڪاريز ۽ چشمن وغيره جي پاڻي جي استعمال جو حق ڪنهن کي آهي؟“ پاڪستان ۾ پاڻي جي حقن جا ڪيترا قسم ملن ٿا پر انهن جي لاءِ قانوني جواز نٿو ملي.

پاڻي سان واسطو رکندڙ گهرجن لاءِ تمام گهڻا صوبائي قانون وقت به وقت ٺاهيا ويا آهن جيڪي هڪ صدي ڪان مٿي واري عرصي ۾ ڦهليل آهن. شروعات ٿي 1873ع ۾ ٺاهيل پنجاب اريگشن ايڪٽ سان. تنهن ڪانپوءِ باقي ٽن صوبن ۾ ساڳي نموني وارا قانون جوڙيا ويا. سم ۽ ڪلر ۽ پاڻي جي نڪاسي لاءِ چار صوبن جا Provincial Soil Reclamation Acts آهن. 1981 ۽ 1982 جا Water Users Enunciation Ordinances آهن، 1997 وارا PIDA جا ايڪٽ آهن ۽ ڪيترا شهري ترقيءَ وارا قانون آهن جن جو گهرو پيئڻ جي پاڻي سان واسطو آهي. وفاقي سطح تي 1958ع وارو واپڊا ايڪٽ آهي. 1992ع وارو ارسا ايڪٽ آهي جيڪي پاڻي جيڪي ترقي ۽ ورهاست لاءِ رهنما اصول ڏين ٿا.

هڪڙي پاسي وفاقي ۽ صوبائي قانونن ۾ ڪيترا مونجهارا ۽ اورانگهيندڙ شقون آهن ته ٻئي پاسي ڪجهه اهم قانون جيئن ڊيم سيفٽي ايڪٽ آهي ئي نه جڏهن ته ٻين ملڪن ۾ جتي وڏا ڊيم

آهن اهو قاعدو موجود آهي. تبديل ٿيل حالتن ۽ زميني حقيقتن مطابق تنهنڪري ڪيترين شقن ڪي وجهڻ، ڪيڻ ۽ ترميم آڻڻ جي ضرورت آهي. وڌيڪ پسند واري ڳالهه اها آهي ته سڀني پاڻي سان واسطو رکندڙ قانونن ڪي هڪ سمجهواري قانون ۾ مٿائجي جيڪو قاعدن ڪي صفا چٽو، مختصر ۽ آساني سان سمجهه ۾ ايندڙ ٺاهي ڇڏي ۽ جن جي تشريح ۾ تفاوت نه اچي سگهي.

اداري واري سطح تي PIDA جهڙي نئين خودمختيار اداري جي اختيار ۽ بندوبست ڪرڻ جي صلاحيتن ڪي وڌائڻ جي گهرج آهي. اڃان تائين صوبن انهيءَ جي رٿيل مقصدن جهڙوڪ خودمختياري، اختيارن جي هيٺين سطح تي منتقلي ۽ شرڪتدار مطابق بندوبست ڪرڻ تي عمل نه ڪيو آهي. نظام ۾ نااهلي ۽ خرابيون گهٽائڻ لاءِ واپرائيندڙن جي سرڪاري شعبي واري سهولتون مهيا ڪندڙ ڪمائتي ڪمپنين جي ترقي، ۽ هلائڻ ۾ فعال شرڪت ۽ حصيداري تمام ضروري آهي. پاڻيءَ ڪي به ٻين جماعتي ترقياتي سرگرمين وانگر سمجهڻو پوندو ۽ وقت جي ضرورت آهي ته انهيءَ لاءِ اثرائتي ضابطي واري ايجنسي ٺاهڻي پوندي ته جيئن معياري ڪنٽرول ڪري سگهي.

# 8- شفارشي ڳالهيون:

پاڪستان جي پاڻي وسيلن ڪي اثرائتي نموني ترقي وٺرائڻ ۽ هلائڻ، ۽ سڀني شعبن جي گهرجن لاءِ معيار سان گڏوگڏ پاڻي مهيا ڪرڻ لاءِ ڪجهه قدم کڻڻا پوندا جيڪي هيٺ ڏجن ٿا.

1. **عام مفادن واري ڪائونسل جو رول:**
بين الصوبائي ۽ سرحد پار پاڻي معاملن ۾ جهيڙڻ لاءِ عام مفادن واري ڪائونسل جيڪا هڪ آئيني ادارو آهي ڪي چوٽي واري اداري جو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. انهيءَ ڪي اهڙن فني ماڻهن جي مدد حاصل هجڻ ڪپي جيڪي پاڻي هلائڻ ۽ عالمي پاڻيءَ قانون ۾ ماهر هجن.

2. **پارليامينٽ ۽ اُنجي ڪاميٽن جو سرگرم ٿيڻ:**
پارليامينٽ وارن ڪي پاڻي جي وسيلن جي ترقي جهڙن اهم مسئلن بابت اتفاق راءِ پيدا ڪرڻ لاءِ متحرڪ رول ادا ڪرڻو پوندو. پاڻي ۽ بجلي بابت قائم ڪاميٽين ڪي ڳالهيون سمجهڻ ۽ وضاحت لاءِ ماهرن جي مدد حاصل ڪرڻ ڪپي. سرڪار ڪي به پارليامنٽ ڪي هڪ اتفاق راءِ پيدا ڪندڙ فورم طور سمجهڻ ڪپي.

3. **نون ذخيرن بابت بين الصوبائي ٺاهه:**
زراعت جي وڌندڙ گهرجن، صنعتن، وڌندڙ آدمشماري ۽ وڌندڙ شهري آبادي لاءِ پاڻي جي وسيلن جي ترقي جنهن ۾ وڌيڪ پاڻي ذخيرو ڪندڙ ڊيم ڪيري اوور ڊيم ۽ واهه اچي وڃن ٿا ٺاهڻ تي اتفاق راءِ پيدا ڪرڻ ضروري آهي ته جيئن پاڻي بچائي سگهون ۽ ان جو صحيح استعمال ڪري سگهون. انهيءَ لاءِ هڪ سٺو ۽ جٽادار ”جهيڙي نبيرڻ وارو ڍانچو“ ٺاهڻو پوندو.

جيئن ته هيٺيان حصيدار ڪيري اوور ڊيم ٺاهڻ تي راضي آهن انهيءَ پاڻيءَ وسيلي جي ترقي واري حصي لاءِ هڪ بين الصوبائي ٺاهه ٿيڻ کپي.

**4. ڪوٽڙي کان هيٺ وهڪرو معلوم ڪرڻ لاءِ اپياس:**

1991ع واري پاڻيءَ ٺاهه مطابق وفاقي وزارت ۽ بجلي جي فيڊرل ڪميشن معرفت مقرر ڪيل عالمي ماهرن جي ٽيم 2005ع ۾ پنهنجي رپورٽ مڪمل ڪري ڇڏي آهي. انهيءَ جي عمل ڪرڻ واري سمري ضميمي ح ۾ ڏجي ٿي. اهو اهم آهي ته ڪوٽڙي کان هيٺ گهربل پاڻي هيٺ ڇڏڻ کپي ته جيئن بين الصوبائي اعتماد بحال ٿي سگهي. ڪجهه ماهرن جو اهو چوڻ آهي ته جيستائين نوان ذخيرا ٺهن شفارش ڪيل پاڻي جو وهڪرو ڪوٽڙي کان هيٺ ڇڏي نٿو سگهجي ڇو ته درياهه ۾ ڪيترن سالن ۾ گهربل پاڻي ڪونهي.

**5. وڌايل ٽيليمٽري نظام:**

صوبن ۾ پاڻي جي ورهاست بابت شفافيت پيدا ڪرڻ ۽ وقتائتي ڊيٽا ملڻ لاءِ ٽيليمٽري نظام کي سڌارڻ ۽ وڌائڻ جي ضرورت آهي.

**6. پاڻي جو بچائڻ:**

پاڻي جي شعبي ۾ پاڻي بچائڻ لاءِ هڪ جامع پلان جوڙڻ ۽ عمل ۾ آڻڻ کپي. پاڻي کي بيهر ڪارمد بنائڻ (Recycle) بيهر استعمال ۾ ڪاري پاڻي کي مٺي ڪرڻ واريون ٽيڪنالاجون رواج وٺرائڻ کپن.

**7. نيون ٽيڪنالاجيون اختيار ڪرڻ:**

پاڪستان ۾ نين ۽ اثرائتي آبپاشي واري ٽيڪنالاجين جي بقا معلوم ڪرڻ لاءِ اپياس ڪرايا وڃن ۽ آزمائشي منصوبا ٺاهيا وڃن.

**8. ٻوڏن ۽ ڏڪارن بابت اڳڪٿي:**

موسمن بابت بهتر اڳڪٿي ڪرڻ لاءِ اعتبار جوڳو گڏ ڊيٽا ڪرڻ جو طريقو شروع ڪرڻ کپي ۽ پاڪستان جي موسميات کاتي کي جديد ڪرڻ کپي. ٻوڏن ۽ ڏڪارن کي منهن ڏيڻ ۽ انهن جو اثر گهٽائڻ لاءِ جماعتي بنيادن وارا اثر گهٽائڻ وارا پلان جوڙڻ کپن. اثر گهٽائڻ وارن پلانن ۾ ايندڙ موسمي تبديلين جي عملن کي نظر ۾ رکڻ کپي.

**9. گهرو استعمال پاڻي واري پاڻي جو معيار سڌارڻ:**

گهرو استعمال واري پاڻي پلي اهو شهرن لاءِ هجي يا ٻهراڙين لاءِ جو معيار سڌارڻ جي ضرورت آهي. صحت بابت اسيمبلين جي قائما ڪاميٽين ۽ بين اهڙين ڪاميٽين کي انهيءَ جو نوٽس وٺي خاص خيال ڪرڻ کپي جو اهو سوال وڏي عوامي مفاد بابت آهي.

**10. زير زمين پاڻي ڪيڻ لاءِ نين ٽيڪنالاجين جو اختيار ڪرڻ:**

زير زمين کاري پاڻي مٿان مٺي پاڻي جي ٽڪرن کي Skimming واري

ٽيڪنالاجي ذريعي ڪڍڻ کپي ته جيئن وڌ ۾ وڌ پاڻي ڪڍي سگهجي. پاڪستان جي چئني صوبن ۽ آزاد جمون ۽ ڪشمير ۾ زير زمين پاڻي ذخيرن، انهن جي معيار، ڪڍڻ ۽ ڀيهر ڳڏ ٿيڻ پرڻ لاءِ جديد ٽيڪنالاجي ترجيحي بنيادن تي اختيار ڪرڻ کپي. جتي سنڪو ۽ فلورائيڊ ليي ٿو انهن ايراضين کي جدا ڪرڻ جي ضرورت آهي. هارين کي گهٽو پاڻي ڪڍڻ ۽ زير زمين سان لوٽيائي آبادي ڪرڻ ڪان جهلڻ کپي جو انهيءَ سان زمين خراب ٿئي ٿي ۽ ذرعي پيداوار تي منفي اثر پوي ٿو.

**.11 نين جي پاڻي کي ڳڏ ڪرڻ:**
سنڌو جي ماٿري کان ٻاهر نين ۾ آيل ٻوڏ واري پاڻيءَ کي ڳڏ ڪري ترقي وٺائڻ جو به چڱو امڪان آهي.

**.12 پاڻي جي گدلاڻ جو روڪڻ:**
هر طرح جي پاڻي ذخيري ۾ گدلاڻ کي روڪڻ لاءِ اثرائتي نظام جي ضرورت آهي.

**.13 سڌريل اداريائي اڏاوت:**
وفاقي ۽ صوبائي سطح تي پاڻي جي هر شعبي ۾ ڇنڊيل بندوبست لاءِ جنهن ۾ شهرن ۽ ٻهراڙين جي پيئڻ جو پاڻي زراعت صنعتون، ڪاڻ ڪوٽن ۽ ماحول اچي وڃن ٿا سڌريل اداريائي اڏاوت ٺاهڻ جي گهرج آهي.

**.14 ارسا جو مظبوط ڪرڻ:**
جيتوڻيڪ ارسا کي هڪ نازڪ ذميواري ڏني وئي آهي پر انهيءَ ۾ اداريائي صلاحيت، بحث ۽ انهن ذميوارين کي اثرائتي نموني ۾ ڪرڻ جي ڪمي آهي. ماضيءَ جي تجربي جي روشنيءَ ارسا کي مستقبل لاءِ مظبوط ڪرڻ جي ضرورت آهي. خاص طرح ٽيليمٽري جلد مڪمل ڪرڻ ۽ انهيءَ کي اعتباري نموني ۾ هلائڻ جي.

**.15 پاڻيءَ جي معاملن کي سمجهڻ لاءِ ڳالهه ٻولهه ۽ مسئلن کي نبيرڻ لاءِ اتفاق راءِ پيدا ڪرڻ:**
صوبن وچ ۾ مستقل ڳالهه ٻولهه جي ضرورت آهي. انهيءَ ۾ واسطيدار ڌريون جيئن زراعت وارا ماڻهو، هاري، سرڪاري ڪامورا، اڻ ڌريا ماهر، سياسي ليڊر، پارليامينٽ وارا ۽ ميڊيا شامل هجڻ کپي.

**.16 هڪ جامع پاڻي جو قانون:**
هڪ جامع پاڻي جي قانون ٺاهڻ جي ضرورت آهي، اهو قانون اٽڪل ٻن ٻزن کان مٿي موجود پاڻيءَ جي صوبائي ايڪٽن کي جيڪي 1873ع کان 1997ع تائين ٺاهيا ويا کي نئون ڪري ۽ مٿائي ٺاهيو وڃي.

**.17 زير زمين پاڻي جي استعمال کي ضابطي ۾ آڻڻ:**
زير زمين پاڻيءَ کي پمپن ذريعي ڪڍڻ لاءِ هڪ نظام جي ضرورت آهي ته جيئن ڪجهه ايراضين مان پاڻي جي سطح تمام گهٽي ڪرڻ کان روڪجي ۽ ٻين ايراضين ۾ سم ۽ ڪلر کي روڪجي. زير زمين پاڻي جا

قاعدا ٺاهڻ ۽ انهن کي سختي سان عمل ڪرڻ جي گهرج آهي.

**18.** **قومي پاڻيءَ واري پاليسي:**
سٺ گذرڻ ڪانپوءِ به پاڪستان دنيا جي ملڪن مان هڪ اهڙو ملڪ آهي جنهن جي پاڻيءَ واري قومي پاليسي ناهي. قومي پاليسي نه هجڻ ڪري پاڻي تي ضابطو ۽ اثرائتو پاڻي جو بندوبست ٺيڻ ممڪن ناهي. تنهنڪري پاڪستان کي جلد هڪ اتفاق راءِ واري ۽ چڱي بحث مباحثي واري قومي پاڻيءَ جي پاليسي ٺاهڻ ڪپي، جيئن ته پاڻي هڪ صوبائي اسم آهي تنهنڪري قومي اتفاق راءِ واري پاليسي ٺاهڻ ڪان اڳ صوبن کي ڪپي ته هڪ پاليسي وارو ڍانچو ٺاهي صوبائي پاڻي واري پاليسي ٺاهن. تنهن ڪانپوءِ قومي پاڻي واري پاليسي صوبائي پاليسين جي خاص ڳالهيون ڪٺي اتفاق راءِ سان ٺاهي سگهبي.

خاڪو نمبر 1: سنڌ طاس وارو آبپاشي نظام.



خاڪو نمبر 2: پاڪستان جا درياهه ۽ مک نديون.



خاڪو نمبر 3: سنڌ طاس جو نقشو.




| AREA | Presently Irrigated Areas | Ongoing Schem |
|---|---|---|
| Sindh | 6.5 MA | 1.0 MA |
| Punjab | 33.4 MA | 1.5 MA |
| NWFP | 2.3 MA | 0.5 MA |
| Balochistan | 2.2 MA | 0.8 MA |
| TOTAL | 44.4 MA | 3.8 MA |

خاڪو نمبر 4: ڪوٽڙي ڪان هيٺ ويل پاڻي ملين (ايڪڙو فوٽ ۾)



Source: WRMD WAPDA based on data supplied by Govt. of Sindh

## حوالہ جات

## (Bibliography)

a. A Spatio-Temporal Analysis of Rainfall in the Canal Command Area of the Indus Plain. IWMI (2000)
b. A Strategic Plan (Pakistan Water Partnership 1999). World Bank (1999)
c. Agricultural Statistics of Pakistan. Ministry of Food & Agriculture (1997-98)
d. Agricultural Strategies for the First Decade of New Millennium. Food and Agriculture Organisation Islamabad-Pakistan (2000)
e. Apportionment of Waters of Indus River System Between the Provinces of Pakistan, Agreement 1991 (A Chronological Expose) by IRSA.
f. Canal & Drainage Act, 1873
g. Dams and Development by World Commission on Dams (2000)
h. Economic Survey of Pakistan (2002-03)
i. Exploitation & Regulation of Groundwater of Pakistan ACE, Halcrow 2003.
j. Fifty Years of Pakistan in Statistics (1947-1997) Summary & Volume-1 to IV. Federal Bureau of Statistics (1998)
k. Groundwater Development Potential of Pakistan IWASRI (1998)
l. Guidelines on Water and Sustainable Development: Principles and Policy Options. United Nations, New York (1997)
m. ICOLD Report on Dams and the Environment (1994)
n. Integrated Water Resources Management Study (Appraisal of National Water Strategy). IWASRI (1998)
o. Kalabagh Dam (Information booklet by WAPDA) (July 1998)
p. Master Planning for Flood Management of Hill Torrents of Pakistan by NESPAK, (1998)
q. National Agriculture Policy by Ministry of Food & Agriculture Islamabad (1991)
r. Overcoming Water Scarcity and Quality Constraints by International Food Policy Research Institute (2002)
s. Pakistan National Water Sector Profile by Halcrow, (2001)
t. Pakistan's National Water Reseource Strategy by Ministry of Water and Power (2002)
u. Politics of Managing Water, edited by Dr. Kaiser Bengali SDPI & Oxford (2003)
v. Presentation on Development of Water Resources by WAPDA (Sept 2003)
w. Revised Action Programme for Irrigated Agriculture. Planning Division by WAPDA (1979)
x. The Indus Waters Treaty - Pakistan & India (1960)
y. Water & Hydropower Development in Pakistan Vision - 2025 by WAPDA (2001)
z. Water and Year 2025 Associated Consulting Engineers (ACE) Ltd. (2003)
aa. Water for All: The Water Policy of the Asian Development Bank (2001)

# ضمیما

# ضميمو- الف

1991 واري پاڙي ٺاهه جو متن

## خفيه

### سنڌو جي دريائي نظام جي پاڻي جي صوبن ۾ ورهاست

3 مارچ 1991ع تي لاهور ۾ ٿيل وڏي وزيرن جي گڏجاڻي جي نتيجي ۾ چئني صوبن جي نمائندن جي هڪ گڏجاڻي 4 مارچ 1991ع تي لاهور ۾ ٿي. هڪ ٻي گڏجاڻي 16 مارچ 1991ع تي ڪراچي ۾ ٿي. گڏجاڻي ۾ حصي وٺندڙ جي لسٽ ڏني وئي آهي.

گڏجاڻي ۾ حصو وٺندڙن هيٺين ڳالهين تي راضپو ڏيکاريو:

1. اهو ڳاهه ٿيو ته صوبن وچ ۾ سنڌو جي پاڻي واري نظام جي ورهاست واري مسئلن جو نبيرو ٿيڻ کپي.

2. پاڻي ورهاست جي مجيل اُصولن مطابق هيٺين ورهاست مجي وئي:

(انگ ملين ايڪڙ فوٽ ۾)

| صوبو | خريف | ربيع | ڪُل |
|---|---|---|---|
| پنجاب | 37.07 | 18.87 | 55.94 |
| سنڌ* | 33.94 | 14.82 | 48.76 |
| سرحد (a)<br>(هاڻي خيبرپختونخواهه) | 3.48 | 2.30 | 5.78 |
| (b) سول ڪينال | 1.80** | 1.20 | 3.0 |
| بلوچستان | 2.85 | 1.02 | 3.87 |
| | 77.34 | 37.01 | 114.35 |
| | + | + | + |
| | 1.80 | 1.20 | 3.00 |

* جنهن ۾ ڪراچي جي شهر لاءِ منظور ٿيل پاڻي شامل آهي
** رم اسٽيشنن ڪان مٿي نه ماپيل سول ڪينال

3. سرحد (هاڻوڪو خيبرپختونخواهه) بلوچستان جا اُهي منصوبا جن تي ڪم هلندڙ آهي انهن لاءِ ائين پاڻي ڏنو ويو آهي جڻ ته اُهي هنيئر پاڻي ڪڍڻ ٿا.

4. باقي بچيل دريائي پاڻي (جنهن ۾ ٻوڏ مستقبل جي ذخيرن جو پاڻي شامل آهي) هيٺين ريت ورهايو ويندو.

| پنجاب | سنڌ | بلوچستان | سرحد | ڪل |
|---|---|---|---|---|
| 37 | 37 | 12 | 14 | 100 سيڪڙو |

5. ڪراچي شهر جي پيئڻ جي پاڻي ۽ صنعتن لاءِ پاڻي جنهن جي اڳي منظوري ڏنل آهي تنهن کي ترجيح ڏني ويندي.

6. حصي وٺندڙ سنڌو ۽ ٻين درياهن کي مستقبل جي زرعي ترقي لاءِ منصوبه بندي تحت آبي ذخيرا اڏڻ جي ضرورت مڃي ۽ سُڃاتي.

7. ڪوٽڙي کان هيٺ سمنڊ جي چڙهي اچڻ کي روڪڻ لاءِ ڪجهه گهٽ ۾ گهٽ پاڻي ڇڏڻ جي ضرورت سڃاتي. سنڌ وارن جو خيال هو ته اها گهٽ ۾ گهٽ 10 ملين ايڪڙ فوٽ هجڻ کپي جنهن تي ڪافي بحث ٿيو جڏهن ٻين اپياسن مطابق هي گهرج ڪٿي 10 ملين ايڪڙ فوٽ کان گهٽ ڪٿي انهيءَ کان مٿي هئي تنهنڪري اهو فيصلو ڪيو ويو ته ڪوٽڙي کان هيٺ گهٽ ۾ گهٽ پاڻي جي گهرجون معلوم ڪرڻ لاءِ وڌيڪ اپياس ڪرايا ويندا.

8. صوبن تي پنهنجي مليل پاڻي جي حصي مان نئوان منصوبا ٺاهڻ تي ڪا روڪ نه هوندي.

9. سمنڊ کان 1200 فوٽ مٿي 5000 هزار ايڪڙ ايراضي تائين واري ننڍين اسڪيمن تي ڪا پابندي نه هوندي.

10. ڪرم/گومل/ڪوهاٽ واري طاسن ۾ آبپاشي لاءِ پاڻي استعمال ڪرڻ تي ڪا بندش نه هوندي جيڪڏهن انهن ڪري انهن درياهن تي موجوده پاڻي جي استعمال تي ڪو خراب اثر نٿو پوي.

11. بلوچستان تي سنڌو جي ساڄي ڪپ واري نين جي پاڻي جي وسيلن کي ترقي وٺائڻ تي ڪا پابندي نه هوندي جيڪي ان جي ايراضي ۾ وهن ٿيون.

.12 ايل بي او ڊي جي پاڻيءَ جو گهرجون منظور ٿيل حصيداري واري فارمولا مطابق پوڙ واري پاڻي مان پوري ڪيون ويونديون.،

.13 انهيءَ تاهه تي عمل ڪرائڻ لاءِ هڪ انڊس رور سسٽم اٿارٽي ٺاهڻ جي ضرورت سڄاتي ۽ مڃي وئي. انهيءَ جو هيڊ ڪوارٽر لاهور ۾ هوندو ۽ انهيءَ ۾ چئني صوبن جي نمائندگي هوندي.

.14 (a) نظام مطابق پاڻي جدا ڍاڪن جي بنياد تي حساب لڳايو ويندو ۽ انهيءَ کي هن ٺاهه جي حصي طور شامل ڪيو ويندو.

(b) 1977ع کان 1982ع تائين نظام ۾ ڪنيل سراسري پاڻي جو ريڪارڊ مستقبل ۾ پاڻي هلائڻ لاءِ رهنمائي ڪندو. اهي ڍاڪي وارا استعمال مندائتي ڏنل پاڻي جي حد تائين انهيءَ تناسب ۾ هر ڪينال سسٽم لاءِ وڌايا ويا ويندا ۽ انهن جي بنياد تي ڪوٽ ۽ واڌ جي حصيداري پاڪستان جي بنياد تي ٿيندي.

© موجود ڊيم صوبن جي آبپاشي جي گهرجن جي ترجيح مطابق هلايا ويندا.

(d) صوبن کي اها آزادي هوندي ته اُهي پنهنجي ڏنل پاڻي ۾ رهندي پنهنجي سسٽم ۾ ۽ وقتي استعمال ۾ تبديلي ڪري سگهن ٿا.

(e) پاڻي زيان کي روڪڻ لاءِ سڀ ڪوششون ڪيون وينديون. واڌو پاڻي ڪوبه ٻيو صوبو استعمال ڪري سگهي ٿو پر انهيءَ استعمال ڪري اهو انهي صوبي جو حق نه ٿيندو.

صحيحون

| پنجاب | سنڌ | سرحد (خيبرپختونخواهه) | بلوچستان |
|---|---|---|---|
| 1 چيف منسٽر | 1 چيف منسٽر | 1 چيف منسٽر | 1چيف منسٽر |
| .2 فاننس منسٽر | 2 لا منسٽر | 2 فاننس منسٽر | 2 گهرو وزير |
| .3 ايڊوائزر | .3 آبپاشي وارو ACS ۽ ايڊوائزر | 3 منصوبه بندي ڪاتي وارو ACS | .3آبپاشي سيڪريٽري |

**SECRET**

## APPORTIONMENT OF THE WATERS OF THE INDUS RIVER SYSTEM BETWEEN THE PROVINCES OF PAKISTAN

As a follow-up to the meeting of the Chief Ministers at Lahore on March 3, 1991, a meeting of the representatives of the four provinces was held at Lahore on March 04, 1991. Another meeting was held at Karachi on March 16, 1991. The list of participants is attached.

The participants agreed on the following points:–

1. There was an agreement that the issue relating to Apportionment of the Waters of the Indus River System should be settled as quickly as possible,

2. In the light of the accepted water distributional principles the following apportionment was agreed to:

**(Fig. in MAF)**

| PROVINCE | KHARIF | RABI | TOTAL |
|---|---|---|---|
| PUNJAB | 37.07 | 18.87 | 55.94 |
| SINDH* | 33.94 | 14.82 | 48.76 |
| N.W.F.P. (a) | 3.48 | 2.30 | 5.78 |
| (b) CIVIL CANALS** | 1.80 | 1.20 | 3.00 |
| BALOCHISTAN | 2.85 | 1.02 | 3.87 |
| | 77.34 + 1.80 | 37.01 + 1.20 | 114.35 + 3.00 |

* Including already sanctioned Urban and Industrial uses for Metropolitan Karachi.
** Unguaged CivilCanals above the rim stations.

3. N.W.F.P/Baluchistan Projects which are under execution have been provided their authorised quota of water as existing uses.

4. Balance river supplies (including flood supplies and future storages) shall be distributed as below:

| Punjab | Sindh | Balochistan | NWFP | Total |
|---|---|---|---|---|
| 37 | 37 | 12 | 14 | 100% |

5. Industrial and Urban Water supplies for Metropolitan city, for which there were sanctioned allocations will be accorded priority.

6. The need for storages, wherever feasible on the Indus and other rivers was admitted and recognised by the participants for planned future agricultural development.

7. The need for certain minimum escapage to sea, below Kotri, to check sea instrusion was recognised. Sindh held the view, that the optimum level was 10 M.A.F., which was discussed at length, while other studies indicated lower/higher figures. It was, therefore, decided that further studies would be undertaken to establish the minimal escapage needs down stream Kotri.

8. There would be no restrictions on the Provinces to undertake new projects within their agreed shares.

9. No restrictions are placed on small schemes not exceeding 5000 acres above elevation of 1200 ft. SPD.

10. No restrictions are placed on developing irrigation uses in the Kurram/ Gomal/Kohat basins, so long as these do not adversely affect the existing uses on these rivers.

11. There are no restrictions on Baluchistan, to develop the water resources of the Indus right bank tributaries, flowing through its areas.

12. The requirements of LBOD will be met out of the flood supplies in accordance with the agreed sharing formula.

13. For the implementation of this accord, the need to establish an Indus River System Authority was recognised and accepted. It would have headquarters at Lahore and would have representation from all the four provinces.

14. a) The system-wise allocation will be worked out separately, on ten daily basis and will be attached with this agreement as part and parcel of it.

b) The record of actual average system uses for the period 1977-82, would form the guide line for developing a future regulation pattern. These ten daily uses would be adjusted pro-rata to correspond to the indicated seasonal allocations of the different canal systems and would form the basis for sharing shortages and surpluses on all Pakistan basis.

c) The existing reservoirs would be operated with priority for the irrigation uses of the Provinces.

d) The provinces will have the freedom within their allocations to modify system-wise and period-wise uses.

e) All efforts would be made to avoid wastages. Any surpluses may be used by another province, but this would not establish any rights to such uses.

| | | | |
|---|---|---|---|
| C.M. Punjab<br>Ghulam Hyder Wyne | C.M. Sindh<br>Jam Sadiq Ali | C.M. NWFP<br>Mir Afzal Khan | C.M. Baluchistan<br>Mr. Taj Mohammad Jamali |
| Shah Mehmood Qureshi<br>Minister Finance | Muzaffar Hussain<br>Minister Law | Mohsin Ali Khan<br>Minister Finance | Mir Zulfiqar Ali Magsi<br>Minister Home |
| Mazhar Ali<br>Adviser | Mohammad Ali Baloch<br>A.C.S (I&P)/Advisor | Khalid Aziz<br>A.C.S.(P & D) | Mohammad Amin<br>Secretary (I&P) |

## گڏجاڻيءَ ۾ حصو وٺندڙن جي لسٽ

| | |
|---|---|
| 1. غلام حيدر وائن | چيف منسٽر پنجاب |
| 2. چام صادق علي | == سنڌ |
| 3. مير افضل خان | == سرحد (هاڻوڪو خيبرپختونخواهه) |
| 4. مير تاج محمد جمالي | == بلوچستان |
| 5. شاهه محمد قريشي | وزير ماليات پنجاب |
| 6.مظفر حسين شاهه | == قانون سنڌ |
| 7. محسن علي خان | ماليات سرحد |
| 8. ذوالفقار علي مگسي | گهرو وزير بلوچستان |
| 9. مظهر علي | ايڊوائزر پنجاب سرڪار |
| 10. محمد عالم بلوچ | ايڊوائزر/ ACS آبپاشي سنڌ |
| 11. خالد عزيز | ACS P+D سرحد |
| 12. محمد امين | سيڪريٽري آبپاشي بلوچستان |
| 13. فريد خان | پنجاب سرڪار |
| 14. رانا خورشيد انور | سيڪريٽري اريگيشن پنجاب |
| 15. پرويز رشيد ق | چيف سيڪريٽري پنجاب |
| 16. ايم ايچ صديقي | ڊائريڪٽر ريگوليشن پنجاب |
| 17. عبدالعزيز شيخ | ايڊوائزر سنڌ |
| 18. الله بخش بلوچ | اجنيئر سرحد |
| 19. محمد ابراهيم | انجنيئر بلوچستان |
| 20 فقير احمد پراچا | سيڪريٽري اريگيشن سرحد |

# ضميمو – ب

## ڪالاباغ ڊيم تي بلوچستان اسيمبلي جي قرار داد جو متن

## قرارداد 50

تاريخ: 6-10-1994

**پاران: سردار اختر مينگل، ميمبر صوبائي اسيمبلي بلوچستان.**

هن ايوان جي راءِ آهي ته صوبائي حڪومت وفاقي حڪومت کي درخواست ڪري ته ڪالاباغ ڊيم ناهڻ وارو منصوبو ڇڏيو وڃي. ڇو جو هن ڊيم ٺهڻ سان هڪ پاسي سنڌ جو صوبو آبپاشي لاءِ پاڻي کان محروم ٿي ويندو ۽ ٻئي طرف اُتر اولهه وارو صوبو سرحد جا گهڻا علائقا پاڻي هيٺ اچي ويندا جنهن ڪري اُتي جون زمينون پاڻي جي گهڻتائي ڪري سم ۽ ڪلر جو شڪار ٿي وينديون. ان طرح ٻنهي صوبن جي آباد ٿيندڙ زمين خراب ٿي ويندي. وڌيڪ اهو ته بلوچستان جي آباد ٿيندڙ زمين آبپاشي واري پاڻيءَ کان محروم ٿي ويندي .
قرارداد منظور ٿي.

**نياز محمد**

ڊپٽي سيڪريٽري

بلوچستان جي صوبائي اسيمبلي

Resolution No: 50 passed unanimously in the provincial assembly of Baluchistan in the meeting held on 16-10-1994

# ضميمو-ج

## ڪالاباغ ڊيم تي خيبرپختونخواهه اسيمبلي جي قرار دادن جو متن

# قرار داد نمبر 251

**پاران: جناب عبدالاڪبر خان صاحب ميمبر صوبائي اسيمبلي سرحد.**

”هي اسيمبلي صوبائي حڪومت کي شفارس ڪري ٿي ته وفاقي حڪومت کي شفارش ڪري ته ڪالاغ ڊيم جي منصوبي کي ڇڏيو وڃي. ڇو جو ان ڪري سرحد صوبي جي عوام کي گهڻي نقصان پهچڻ جو انديشو آهي“.

Resolution No: 250 Passed Unanimously in the provincial assembly of NWFP in the meeting held on 30-5-1991

## قرارداد نمبر 4:

**پاران: محترمه بيگم نسيم ولي خان صاحبه ميمبر صوبائي اسيمبلي سرحد**

”ان ايوان جي راءِ ۾ ڪالاباغ ڊيم جو منصوبو رڳو فني لحاظ ڪان ناقص نه بلڪه مجموعي لحاظ ڪان ان صوبي ڪانسواءِ پاڪستان جي اڪثريت صوبن جي مفاد جي منافي آهي. تنهن ڪري اهي ايوان مرڪزي حڪومت کي زور دار نموني ۾ شفارش ڪري ٿو ته ڪالاباغ ڊيم واري منصوبه کي ڇڏيو وڃي خاص طرح جڏهن متبادل منصوبن جو فائدو مثال طور ڀاشا ڊيم ان منصوبي ڪان وڌيڪ سٺو ۽ فائدي وارو آهي“.

Resolution No: 04 Passed Unanimously in the provincial assembly of NWFP in the meeting held on 20-12-1988

## قرارداد نمبر 26

پاران:

1. جناب حاجي محمد عديل صاحب ميمبر سرحد صوبائي اسيمبلي
2. جناب عبدالاڪبر صاحب ميهسر سرحد صوبائي اسيمبلي
3. جناب سردار عنايت الله خان گنڊاپور صاحب وزير زراعت سرحد
4. جناب بهرام خان ملڪ صاحب ميمبر صوبائي اسيمبلي سرحد
5. جناب انور ڪمال صاحب ميمبر صوبائي اسيمبلي سرحد.
6. جناب ملڪ ميان نور صاحب ======
7. جناب مولانا محمد عصمت الله صاحب ======

”هي ايوان اتفاق راءِ سان وفاقي حڪومت کان گهر ڪري ٿو ته چاڪاڻ ته ڪالاباغ ڊيم وارو منصوبو خاص طرح اسان جي صوبي جي مفاد جي خلاف آهي ۽ عام طرح پاڪستان جي سڀني صوبن لاءِ نقصان وارو آهي هي ايوان ان ڪان اڳ به اتفاق راءِ سان ڪيترا ڀيرا هي قرار داد پاس ڪري چڪو آحي ته ڪالاباغ ڊيم نه ٺاهيو وڃي ۽ بجلي جي کوٽ کي ٻين ذريعن وسيلي پورو ڪيو وڃي.
اسان جي صوبي ۾ پاشا ڪان سواءِ ٻيا ڪيترا اهڙآ هنڌ آهن جتي ننڍا ۽ وڏا ڊيم ٺاهي سگهجن ٿا.

Resolution No: 26 Passed Unanimously in the provincial assembly of NWFP in the meeting held on 18-11-1993

# ضميمو-د

كالاباغ ڊيم ۽ گريٽر ٿل ڪينال خلاف
سنڌ اسيمبلي جي قراردادن جو متن

## قرار داد نمبر 409

**پاران: ڊاڪٽر عبدالواحد سومرو**

”هي ايوان فيصلو ڪري ٿو ته جيئن ته ڪالاباغ ڊيم پاڪستان لاءِ عام طرح نقصان وارو آهي ۽ سنڌ لاءِ خاص طرح تنهن ڪري ان کي ڇڏيو وڃي. سنڌ جي صوبائي اسيمبلي ان خلاف ماضي ۾ به قراردادون اڳي ئي پاس ڪري چُڪي آهي ۽ هي ايوان وري ان جي تصديق ڪري ٿو تنهنڪري جي ايوان وفاقي حڪومت کي شفارش ڪري ٿو ته هن منصوبي کي هميشه لاءِ ختم ڪيو وڃي ته جيئن پاڪستان جي عوام جا خدشا دور ٿين.“

Resolution No: 409 Passed Unanimously in the provincial assembly of Sindh in the meeting held on 14-6-1994

## قرارداد نمبر 414

**پاران: سڪندر منڊرو ايم پي اي.**

”هي ايوان فيصلو ڪري ٿو ته جيئن ته ڪالاباغ ڊيم پاڪستان لاءِ عام طرح نقصان وارو آهي ۽ سنڌ لاءِ خاص طرح تنهن ڪري ان کي ڇڏيو وڃي. سنڌ جي صوبائي اسيمبلي ان خلاف ماضي ۾ به قراردادون اڳي ئي پاس ڪري چُڪي آهي ۽ هي ايوان وري ان جي تصديق ڪري ٿو تنهنڪري جي ايوان وفاقي حڪومت کي شفارش ڪري ٿو ته هن منصوبي کي هميشه لاءِ ختم ڪيو وڃي ته جيئن پاڪستان جي عوام جا خدشا دور ٿين.“

Resolution No: 414 Passed Unanimously in the provincial assembly of Sindh in the meeting held on 14-6-1994

## قرارداد نمبر 413

**پاران: مسٽر احمد علي خان پتافي، ايم پي اي.**

”هي ايوان فيصلو ڪري ٿو ته جيئن ته ڪالاباغ ڊيم پاڪستان لاءِ عام طرح نقصان وارو آهي ۽ سنڌ لاءِ خاص طرح تنهن ڪري ان کي ڇڏيو وڃي. سنڌ جي صوبائي اسيمبلي ان خلاف ماضي ۾ به قراردادون اڳي ئي پاس ڪري چُڪي آهي ۽ هي ايوان وري ان جي تصديق ڪري ٿو تنهنڪري جي ايوان وفاقي حڪومت کي شفارش ڪري ٿو ته هن منصوبي کي هميشه لاءِ ختم ڪيو وڃي ته جيئن پاڪستان جي عوام جا خدشا دور ٿين.“
Resolution No: 413 Passed Unanimously in the provincial assembly of in the meeting held on 14-6-1994 Sindh

## قرارداد نمبر 423

**پاران: مسٽر غلام قادر پليجو ايم پي اي.**

”هي ايوان فيصلو ڪري ٿو ته جيئن ته ڪالاباغ ڊيم پاڪستان لاءِ عام طرح نقصان وارو آهي ۽ سنڌ لاءِ خاص طرح تنهن ڪري ان کي ڇڏيو وڃي. سنڌ جي صوبائي اسيمبلي ان خلاف ماضي ۾ به قراردادون اڳي ئي پاس ڪري چُڪي آهي ۽ هي ايوان وري ان جي تصديق ڪري ٿو تنهنڪري جي ايوان وفاقي حڪومت کي شفارش ڪري ٿو ته هن منصوبي کي هميشه لاءِ ختم ڪيو وڃي ته جيئن پاڪستان جي عوام جا خدشا دور ٿين.“
3 Passed Unanimously in the provincial assembly of 2Resolution No: 4 in the meeting held on 14-6-1994 Sindh

## قرارداد نمبر 01

**پاران: مسٽر ممتاز علي پٽو ايم پي اي**

”هي اسيمبلي فيصلو ٿي ڪري ۽ سنڌ حڪومت کي شفارش ٿي ڪري ته وفاقي حڪومت کي چوي ته ڪالاباغ منصوبي تي ڪم بند ڪري ڇو جو انهيءَ ڪري سنڌ کي تمام گهڻو نقصان ٿيندو“.
Resolution No: 01 Passed Unanimously in the provincial assembly of Sindh in the meeting held on 14-6-1994

**گڏيل قرارداد پاران نثار احمد کهڙو حزبِ مخالف جو ليڊر ۽ سيد سردار احمد سينيئر گهرو وزير.**

اسان گڏيل قرار داد پيش ٿا ڪيون ته سنڌ اسيمبلي وفاقي حڪومت کي شفارش ڪري ته عام مفادن واري ڪائونسل کي جمهوريه پاڪستان جي شق 155 مطابق گريٽر ٿل ڪينال ناهڻ خلاف شڪايت ڪري ۽ وفاقي حڪومت کي درخواست ڪري نه ته انهيءَ ڪينال جي اڏاوت بند ڪري ڇو جو سنڌ صوبي کي جائز شڪايتون آهن جن کي دور ڪرڻ کپي.

| | |
|---|---|
| صحيح | صحيح |
| **سيد سردار احمد** | **نثار احمد کهڙو** |

Resolution Passed Unanimously in the provincial assembly of Sindh in the meeting held on 28-2-2003

# قرارداد

**پاران: محمد حسين خان وزير لوڪل گورنمنٽ، ڪچي آبادي ۽ اسپيشل ڊيولپمنٽ**

”مان محمد حسين خان تازي عوامي معاملي ڪي قرار داد پيش ٿو ڪيان ته هن اسيمبلي جي اتفاق راءِ سان پاس ٿيل 28 فيبروري 2003 واري قرار داد ڪي وفاقي حڪومت مناسب وزن ۽ ويچار نه ڏنو آهي. ان جي ابتڙ ساليانى بجٽ واري ڪتاب ۾ گريٽر ٿل ڪينال ٺاهڻ لاءِ 150 ڪروڙ رکيا آهن جنهن جو مطلب اهو نڪري ٿو ته هن اسيمبلي جي اتفاق راءِ سان پاس ٿيل قرار داد ڪي ڪا اهميت نه ڏني وئي آهي.

ان ڪري هن ايوان جي اها راءِ آهي ۽ وفاقي حڪومت ڪي شفارش ڪري ٿي ته هن اسيمبلي پاران 28 فيبروري 2003 تي پاس ٿيل قرار داد تي جيترو جلدي ٿي سگهي من وعن عمل ڪيو وڃي.

هن اسيمبلي جا اها راءِ آهي ۽ فيصلو ڪري ٿي ته گريٽر ٿل ڪينال جي اڏاوت جو ڪم يڪدم بند ڪيو ويو جيڪڏهن ائين نه ڪيو ويو ته انهي سلسلي ۾ قدم کڻڻ بابت اعلان ڪيو ويندو جو گريٽر ٿل ڪينال ٺهڻ ڪري سنڌ پنهنجي پاڻي جي جائز حصي کان محروم ٿي ويندي.

صحيح

**(محمد حسين خان)**
وزير لوڪل گورنمنٽ، ڪچي آبادي ۽ اسپيشل ڊيولپمنٽ

Resolution Passed Unanimously in the provincial assembly of Sindh in the meeting held on 19-06-2003

# ضميمو-ح

## ڪوٽڙي ڪان هيٺ پاڻي ڇڏڻ بابت عالمي ماهرن
## جي آخري رپورٽ جو عملي اختصار

عالمي ماهرن جي ٽيم ڪوٽڙي ڪان هيٺ پاڻي ڇڏڻ بابت اپياسن جي ورجائل آخري رپورٽ

## عملي اختيار

1. ڪوٽڙي ڪان هيٺ گهٽ ۾ گهٽ پاڻيءَ جي گهرجن تي اتفاق راءِ پيدا ڪرڻ لاءِ ٽي اپياس شروع ڪرايا ويا. 1991 واري پاڻي ٺاهه جو اهو هڪ مکيو اسم آهي جيڪو اچا تائين رهيل آهي. اهي ٽي اپياس هي آهن.

**اپياس پهريون:** سمنڊ جي پاڻي ڪي چڙهي اچڻ ڪان روڪڻ لاءِ ڪوٽڙي ڪان هيٺ پاڻي ڇڏڻ.
**اپياس ٻيو:** ماحولياتي خدشن ڪي منهن ڏيڻ لاءِ ڪوٽڙي ڪان هيٺ پاڻي ڇڏڻ.
**اپياس ٽيون:** ڇئني صوبن جا ماحولياتي خدشا.

اپياسن ڪي خودمختيار ۽ ٻاهرين جي مدد سان ورجائڻ لاءِ خودمختيار عالمي ماهرن جي ٽيم جوڙي وئي. عالمي ماهرن جي ٽيم تاريخي طرح ٿيل ڳالهين ۽ 1991ع واري پاڻي ٺاهه ڪي چڱي نموني ۾ ڏٺو خاص طرح ٺاهه جي پيرا ستين ڪي جنهن ۾ ڪوٽڙي ڪان هيٺ گهٽ ۾ گهٽ پاڻي سمنڊ ۾ ڇڏڻ جو ذڪر آهي ته جيئن سمنڊ جي چڙهي اچڻ ڪي روڪي سگهجي. عالمي ماهرن جي ٽيم اپياسن ڪي مختلف سطحن تي ورجايو، وفاقي ۽ صوبائي سطح تي سرڪاري ڪامورن ۽ ڪنسلسٽنٽس سان بحث مباحثو ڪيو ۽ عالمي سطح تي ٿيل تجربن ۽ ٽيندڙ ڳالهين جو جائزو ورتو.

2. هيٺين ڳالهيون ڪوٽڙي ڪان هيٺ پاڻي ڇڏڻ جو بنيادي جواز پيدا ڪن ٿيون.
- لوٽياٽ جو درياهه، زير زمين پاڻي جي سطح ۽ ساموندي پٽي ۾ گهڙي اچڻ.
- ساموندي پٽي جي بقا جي گهرج
- جٿادار ماحول جي گهرج
- مڇين
- سنڌو جي طاس ۾ لوٽياٽ جي گڏ ٿيڻ ڪي روڪڻ

انهيءَ ڪان سواءِ ٻيا جز به رول ادا ڪري سگهن ٿا جيئن دريائي ٻيلا، دريائي زراعت، گدلاڻ ڪي ڪنٽرول ڪرڻ ۽ پيئڻ جو پاڻي.

3- گهٽ ۾ گهٽ پاڻي ڇڏڻ بابت عالمي ماهرن جي ٽيم جون شفارشون ڏيڻ ۾ هيٺين ڳالهين رول ادا ڪيو:
-پهرين اپياس ۾ ڏسيل ڪوٽڙي ڪان هيٺ سمنڊ جي پاڻيءَ جو چڙهي اچڻ.
- ٽين اپياس ۾ ڪوٽڙي ڪان مٿي ماحوليات لاءِ پاڻي جيڪو هنن عارضي طور ٻڌايو هو.

- اقتصادي ۽ معاشرتي گهرجن (جهڙوڪ آبپاشي، گهرو پيئڻ جو پاڻي ۽ صنعتن لاءِ پاڻي) جي پاڻيءَ تي ماحولياتي گهرجن لاءِ شفارش ڪيل پاڻي جو اثر جيڪو ٽين اپياس ۾ ٻڌايو ويو هو.
- اپياس ٻئي ۾ ٻڌايل وڌيل ڏيلٽا لاءِ مڇين تمر جي ٻيلن جي جياپي لاءِ گهٽ ۾ گهٽ گهربل پاڻي.
- دريا جي بقا (Morphology) برقرار رکڻ لاءِ گهربل پاڻي.
- ماحولياتي وهڪرو لاءِ ٿيل عالمي چاڻ ۽ رواج
- انهيءَ ڳالهه جي سچائپ ته اڏاوتون ناهڻ ممڪن ناهي.

-4 سمنڊ جي پاڻي جي چڙهي اچڻ کي ورڪڻ، مڇين ۽ ماحولياتي گهرجن جي بقا ۽ دريا جي پيٽ کي برقرار رکڻ لاءِ 5000 ڪيوسڪ پاڻي ڪوٽڙي ڪان هيٺ سڄو سال وهڻ ضروري آهي. عالمي ماهر انهيءَ ڳالهه تي زور ڏين ٿا ته سمنڊ جي پاڻيءَ جي چڙهي اچڻ جو اثر رڳو زميني پاڻي جي مسئلي تي آهي. ڇو جو زير زمين پاڻي جي تهن جي لوٽياٽ پنڊ پهڻ (Fossil) پاڻي جي لوٽياٽ ۽ ارضياتي اصليت ڪري ٿئي ٿي.

-5 عالمي ماهرن جي ٽيم انڊس ڊيلٽا ۾ ٿيندڙ سمنڊ جي چاڙهه ۽ ساموندي پٽيءَ جا ڪاڏ کي سمجهي ٿي ۽ ان کي هڪ قومي مسئلو ڄاڻي ٿي. ان جا بنيادي سبب هي آهن.
سنڌو درياهه ۾ لٽ جو گهٽجڻ جيئن اپياس پهرين ۽ ٻئي ٻڌايو ويو آهي.
-تمر جي ٻيلن جو گهٽجڻ جيڪو اپياس ٻئي ۾ ٻڌايو ويو آهي.
- دريائي بند ٺهڻ ڪري پراڻي ڊيلٽا ۾ پاڻي جو نه ڦهلجڻ.
-سمنڊ جي سطح جو چڙهڻ
- موسمي ڦير گهير ڪري شديد موسمياتي تبديلي
گهربل لٽ ۽ تمر جي ٻيلن لاءِ عالمي مهرن جي ٽيم هيٺيون وضاحتون ۽ شفارشون ڏئي ٿي.

-6 جيستائين لٽ جو تعلق آهي انهيءَ ۾ تمام گهٽي گهٽتائي انهيءَ ڪري آئي آهي جو گهٽي پاڳي پاڻي آبپاشي لاءِ واريو ويو آهي. اڳي ايندڙ لٽ جو ساليانو ڪاٿو 400 ملين ٽن هو. تڏهن سمنڊ پٽي جو وڌڻ سال ۾ 30 ميٽر هو. ساموندي علائقي جي بچاءَ لاءِ جيڪڏهن ڪجهه ڪيو وڃي ته ساموندي پٽي جي برقرار رکڻ لاءِ تمام ٿورو پاڻي کپي. گهٽي پاڳي لٽ چوٽي وارن وهڪرن وقت ايندي. اها شفارش ڪجي ٿي ته 5 سالن ۾ ڪُل 25 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي خريف جي مند ۾ ٻوڏ جي وهڪري جي صورت ۾ ڇڏيو وڃي. جنهن کي ڊيمن ۾ ذخيرو ڪرڻ جي اصولن مطابق ۽ پوئين ڇئن سالن ۾ ڇڏيل پاڻي مطابق ايڊجسٽ ڪيو وڃي. انهيءَ مطابق سراسري هر سال 5 ملين ايڪڙ فوٽ ٿئي ٿو.

-7 جيستائين تمر جي ٻيلن جو تعلق آهي انهن کي برقرار رکڻ لاءِ ڪجهه لٽ ۽ مٺي پاڻي سان گڏوگڏ اُنن جي چرڻ، ٻارڻ لاءِ ڪٽڻ تي ڪنٽرول ڪرڻو پوندو ۽ نئوان ٻوٽا پوکڻا پوندا. ميدانن

۾ پاڻي پڪيڙڻ لاءِ خريف جي مند ۾ ٻوڏ وارو وهڪرو گهربو. مٿين ٻڌايل ڇهن نقطي ۾ ٻڌايل مٺو پاڻي تمر جي ٻيلن جصي ويجهه ۾ واڌو لاءِ ڪافي هوندو. اهو ضروري آهي جو تمر جي ٻيلن ڪي اهڙي نموني ۾ قائم رکڻ ڪپي ته جيئن سڄي ساموندي پٽيءَ ۾ تمر جي ٻيلن جي قطار هجي. عالمي ماهرن جي ٽيم شفارش ڪري ٿي ته انهيءَ کي قومي ذميواري سمجهيو وڃي.

8- مٿين سڀ ڳالهين ڪي نظر ۾ رکندي عالمي ماهرن جي ٽيم شفارش ڪري ٿي ته ڪوٽڙي ڪان هيٺ جدول نمبر 1 ۾ ڏنل مقدار جيترو پاڻي ڇڏيو وڃي. انهن وهڪرن کي آبپاشي جي گهرجن لاءِ ڏنل پاڻي مطابق ايڊجسٽ ڪري سگهجي ٿو. انهيءَ ڪان علاوه عالمي ماهرن جي ٽيم اها به شفارش ڪري ٿي ته مٿي ٻڌايل 6 نقطي مطابق خريف جي مند ۾ چوٽيءَ وارا وهڪرا ڊيلٽا کي گهربل لٽ ڏيندا ته جيئن تمر جا ٻيلا برقرار رهي سگهن ۽ دريا جو پيٽ به قائم رهي.

**جدول نمبر1: ڪوٽڙي ڪان هيٺ شفارش ڪيل پاڻي ڪيوسڪ ۽ ملين ايڪڙ فوٽ ۾خريف**

| | خريف ۾ | | | | ربيع ۾ | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | مئي | جون | جولائي | آگسٽ | سيپٽمبر | آڪٽوبر | نومبر | ڊسمبر | جنوري | فيبروري | مارچ |
| ڪيوسڪ | 5000 | 5000 | 5000 | 5000 | 5000 | 5000 | 5000 | 5000 | 5000 | 5000 | 5000 |
| ملين ايڪڙ فوٽ | 3 | 3 | 3 | 3 | 3 | 0.3 | 0.3 | 0.3 | 0.3 | 0.3 | 0.3 |

| ڪُل | سال ۾ | خريف ۾ | ربيع ۾ |
|---|---|---|---|
| ملين ايڪڙ فوٽ | 3.6 | 1.8 | 1.8 |

نوٽ (*) سوڪهڙي واري سال ۾ مقدار انهيءَ تناسب سان گهٽائي سگهجي ٿو جيترو آبپاشي گهرجن لاءِ گهٽايو وڃي.
(**) 5 سالن ۾ ڪُل 25 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي (سراسري هر سال 5 ملين ايڪڙ فوٽ) خريف جي مند ۾ ٻوڏ جي وهڪري جي صورت ۾ ڇڏيو وڃي. جنهن کي پوءِ ڊيمن ۾ ذخيرو ٿيل پاڻي جي اُصولن مطابق ۽ پوئن ڇئن سالن ۾ ڇڏيل پاڻيءَ مطابق ايڊجسٽ ڪيو وڃي.

9- تربيلا ڊيم ٺهڻ ڪان پوءِ جي پاڻي وهڪرن جي انگن اکرن جي بنياد تي مٿين شفارشن جي نتيجي ۾ ڪوٽڙي ڪان هيٺ گهٽ پاڻي وارن سالن ۾ 1.26 ملين ايڪڙ فوٽ ۽ سراسري وارن سالن ۾ 2.20 ملين ايڪڙ فوٽ واڌو پاڻي ڇڏڻو پوندو. انهيءَ لاءِ وڌيڪ پاڻي ذخيرو ڪرڻو پوندو ته جيئن آبپاشي تي ٿيندڙ زراعت جو پاڻي نه گهٽجي. جڏهن به ٿي سگهي ماحولياتي وهڪرن کي ڪوٽڙي ڪان هيٺ ڇڏڻ ڪان اڳ مٿين درياهن هر معرفت هيٺ ڇڏيو وڃي.

-10 عالمي ماهرن جي ٽيم شفارش ڪري ٿي ته اپپاس III ۾ ڏنل صوبن جي ماحولياتي خدشن بابت ڏنل صلاحن ڪري جيڪي صوبن ڪي منظور آهن ڪوٽڙي ڪان هيٺ ويندڙ پاڻي جنهن جي شفارس مٿين 8 نقطي ۾ ڪئي وئي آهي ڪي نه گهٽايو وڃي پر انهن جي اوليت مقرر ڪري عمل ۾ آنديون وڃن.

**صحيح ٿيل**

ڊاڪٽر فرنانڊو-جي-گونزاليز.

ڊاڪٽر ٿائنس بيسن .

ڊاڪٽر بارٿ شلز .

ڊيلف
20 نومبر 2005




پاکستان انسٹیٹیوٹ آف
لیجسلیٹو ڈیولپمنٹ ء
ٹرانسپرنسی

ہیڈ آفس: نمبر 7، 9th ایونیو، F-8/1 اسلام آباد، پاکستان

رجسٹرڈ آفس: 172-M، ڈیفنس ہاؤسنگ اتھارٹی، لاہور، پاکستان

ٹیلیفون: 111-123-345 (+92-51) فیکس: 226-3078 (+92-51)

E-mail: info@pildt.org; Web: www.pildat.org